اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء-١٧١)

# توحيد

ڪراچي

وحده لاشريڪ له اهو وهائج وِيُ (شاھ)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل جون نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار ڪتابي سلسلو-15

سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن
حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ

سرپرست
پروفيسر سيد عباد الله راشدي

چيف ايڊيٽر
محمد سليمان طاهر انڊڙ

ايڊيٽر
نور احمد ميمڻ

مشاورتي بورڊ
مفتي محمد صادق سومرو
عبدالستار عباسي
محمد انس راڄپر
محمد رفيق پرڳڙي
نديم احمد سولنگي

ربيع الاول / ربيع الثانی ١٤٣٢ھ مطابق فيبروري / مارچ ٢٠١١ع

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول صلي الله عليه وسلم | ادارو | 3 |
| اسماءُ الحسنيٰ | حضرت پير روضي ڌڻي | 4 |
| تعليمات امام سنڌي رحمة الله عليه | ادارو | 5 |
| اتر وزيرستان ۾ فوجي آپريشن | چيف ايڊيٽر | 7 |
| الله وارن لاءِ الله ڇا تو چوي؟ | نور احمد ميمڻ | 9 |
| انقلابي تحريڪ جا اڳواڻ | مولانا محمد سليمان طاهر | 12 |
| تقليد ۽ اجتهاد | مولانا وحيد الدين خان | 15 |
| اسلام ۾ علم ۽ عمل جي اهميت | احمد الدين شر بلوچ | 22 |
| هارين جي مصيبتن جو حل قرآن جي روشني ۾ | مسٽر مسعود صاحب | 26 |


سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس
حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ،
6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ، نيشنل هاءِ وي
ڪراچي 75030 فون: 021-35000278 موبائل: 03002707097
www.hikmatequran.org email: hikmatequran@gmail.com

الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ۽ سنت رسول صلي الله عليه وسلم جو پيغام پنهنجي چوڌاري انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ماهوار توحيد جا 100 پرچا 500 روپين جي وي پي سان گهرائي دعوتي مشن ۾ شامل ٿيو.



# حڪمتِ قرآن

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا أَنفِقُوا مِمَّا رَزَقْنَاكُم مِّن قَبْلِ أَن يَأْتِيَ يَوْمٌ لَّا بَيْعٌ فِيهِ وَلَا خُلَّةٌ وَلَا شَفَاعَةٌ (البقرة:٢٥٤)

”اي اهلِ ايمان ! اوهان الله جي راهه ۾ پنهنجي مال کي خرچ ڪريو،
ان ڏينهن جي اچڻ کان اڳ، جنهن ڏينهن ۾ ڪوبه واپار نه هوندو،
ڪا به دوستي نه هوندي ۽ ڪابه سفارش نه ٻڌي ويندي.“

ايمان آڻڻ کان پوءِ مال خرچ ڪرڻ لازمي قرار ڏنو ويو آهي. خدا تعاليٰ تي ايمان ۽ انفاق جي قيمت تي قبول ڪيو ويندو. الله تي ايمان ۽ ساڻس رابطو، انفاق کان سواءِ قائم رهي نٿو سگهي. خدا تعاليٰ جي حاصل ٿيڻ سان انسان کي هڪ اهڙي روشني ملي ٿي وڃي، جنهن جي ذريعي هو هميشه سڌي واٽ تي هلندو رهندو. مگر انفاق في سبيل الله جي قيمت ادا ڪرڻ کان سواءِ جيڪڏهن رابطي رکڻ جي ڪوشش ڪندو ته روشني کان محروم ٿي ويندو ۽ انڌيري ۾ ڀٽڪندو رهندو. انفاق مان مراد هيءَ آهي ته انسان پاڻ کي ۽ پنهنجي سموري سرمايي کي خدا جي حوالي ڪري ڇڏي. مصلحتن ۽ ذاتي غرضن کي قربان ڪري، دين جي راهه تي يڪسوئي سان هلندو رهي. ”إِنَّ اللَّهَ اشْتَرَىٰ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ أَنفُسَهُمْ وَأَمْوَالَهُم بِأَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ“ (التوبة: ١١١) ايمان جي عملي شڪل اها آهي ته الله تعاليٰ مؤمنن کان (ايمان آڻڻ وقت) سندن جانيون ۽ سندن مال خريد ڪري ڇڏيا آهن. هاڻي ايمان وارن جي جان ۽ مال انهن جا ناهن بلڪ الله تعاليٰ جي ملڪيت ۾ اچي ويا. سندن جان ۽ مال جي قيمت ڪين آخرت ۾ جنت جي صورت ۾ ڏني ويندي. هاڻي هو جان ۽ مال کي خدائي امانت جي طور تي سنڀاليندا ۽ انهن ٻنهي کي پنهنجي مرتبن جي بلنديءَ جو ڪارڻ بڻائيندا. ڇاڪاڻ ته انهن ٻنهي جي بدلي ۾ جنت جو سودو ٿيل آهي ۽ ان سودي ۾ الله تعاليٰ جي رضا ۽ محبوبيت سمايل آهي. آخرت جي دائمي زندگيءَ ۾ الله تعاليٰ ٻانهي کي فرمائيندو ته تون منهنجي رضا جي تلاش ڪري ان مطابق زندگي گذاري، تنهن ڪري مان توکان راضي آهيان. اچ منهنجي محبوب ٻانهن ۾ شامل ٿي وڃ ۽ جنت ۾ منهنجي ان محبوبيت جا دائمي مزا ماڻ. اها ڳالهه طئه آهي ته جان ۽ مال جي قربانين کان سواءِ الله تعاليٰ جي ان محبوبيت جي ٻئي ڪنهن واپار سان ڳولهڻ جا رستا قرآن حڪيم بند ڪري ڇڏيا آهن.

ڪنهن عقيدي کي جيڪڏهن انفاق سان مربوط ڪري ڇڏبو ته سمجهيو ويندو ته هو ان عقيدي سان سنجيدهه آهي. ان جي وابستگي ڪامل آهي. ان تي ان عقيدي جا راز کلندا ويندا. ٻي صورت ۾ چيو ويندو ته هن جو ايمان ظاهري دل فريب لفظن جي ادائگي تائين محدود آهي. هي گفتار جو غازي آهي، پر ڪردار جو غازي نه بڻيو آهي. اهڙي ايمان جو دنيا ۾ ڪو به نتيجو ظاهر نه ٿيندو آهي. آخرت ۾ ته اهڙو ايمان بي وزن بڻجي ويندو.

## حڪمتِ رسول صلي الله عليہ وسلم

عن ابی هريرة رضی اللہ عنہ قال، قال رسول الله صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم:

- السَّاعی علی الْاَرْمَلَةِ وَالْمِسکین کالْمجاھد فی سبیل الله (البخاری و مسلم)
- مَنْ قَبَضَ يتيماً بين الْمُسلِمين اِلیٰ طعامِہ و شرابِہ اَدْخَلَہُ اللهُ الجَنَّةَ (الترمذی)
- من مَسَح راس يتيم لَمْ يَمْسَحْہُ الاَّ لِلّٰہِ کان لہٗ بِکُلِّ شَعْرَةٍ تَمُرُّ عَلَيْهَا يَدُہٗ حَسناتٌ (مسند احمد و ترمذی)

حضرت ابو هريره رضی اللہ عنہ روايت ڪري ٿو ته سيدنا رسالت مآب صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جن فرمايو ته:

- ڪنهن شخص جيڪڏهن ڪنهن رنڙ عورت يا ڪنهن مسڪين حاجتمند انسان جي کاڌي خوراڪ ۽ انهن جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۽ محنت ڪئي ته ان لاءِ اجر اهڙو آهي جو ڄڻ ته هو خدا جي راهه ۾ جهاد ڪري رهيو آهي. يا ان وانگر آهي، جيڪو سڄي رات عبادت گذار ۽ پوري عمر روزو رکندڙ هجي.
- جنهن شخص ڪنهن يتيم ٻار جي کاڌي خوراڪ ۽ پرورش لاءِ هن کي پاڻ وٽ رکيو ته اهڙي شخص کي الله تعاليٰ ضرور جنت ۾ داخل فرمائيندو.
- جنهن شخص يتيم ٻار جي مٿي تي شفقت ۽ پيار جو هٿ گهمايو ۽ اهو عمل فقط الله تعاليٰ جي رضامندي حاصل ڪرڻ خاطر ڪيائين ته ان جي هٿ گهمائڻ سان جيترا وار ان جي هٿ هيٺ آيا، ته هڪ هڪ وار جي بدلي ۾ نيڪيون لکيون وينديون.

دين جي تعليم ۾ ڪيتري قدر جامعيت ۽ توازن رکيو ويو آهي. ماڻهو عام طرح سمجهن ٿا ته شايد صرف ظاهري عبادتن: جهڙوڪ نماز، روزي، حج ۽ عمري ڪرڻ تي ثواب ملندو آهي. مگر خدا جو پيغمبر عليہ الصلواه والسلام فرمائي ٿو ته رنڙ عورت جي سار سنڀال، يتيم ٻار جي پرورش، مسڪين ۽ لاچار انسان جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ سان به خدا جو رضامندو حاصل ٿي سگهي ٿو ۽ اهو به ايتري قدر، جيتري قدر جهاد في سبيل الله ڪندڙ مجاهد کي جان ڏيڻ سان ملندو آهي. ٻانهن جي حقن جي ادائگي ۽ محروم انسانن جي ڪفالت ڪرڻ خدا تعاليٰ جي پيدا ڪيل مخلوق سان پيار ڪرڻ جي برابر آهي. جيڪو شخص خدا جي مخلوق، جنهن کي "خدا جو عيال" (الخلق عيال الله) ڪوٺيو ويو آهي، ان سان مهربانيون ۽ ڀلايون ڪري ٿو، ته اهڙي شخص کي الله تعاليٰ نظام ربوبيت جي مشيت کي پورو ڪندڙ انسانن ۾ شامل ڪري جنت جو حقدار بڻائي ٿو ڇڏي.

اسلام جي روح کان نا واقف ماڻهو رڳو عبادتن کي ادا ڪري، مخلوق جي حقن کان بي پرواهه ٿي ويندا آهن ۽ سندن اوڙي پاڙي ۾ بيواهه عورتون ۽ ڪمزور مرد موجود هوندا آهن، پر هو انهن کان بي نياز ٿي ويندا آهن. اها عادت خدا تعاليٰ کي ناراض ڪري ٿي. ان تي عذاب به ٿي سگهي ٿو.



## اسماءُ الله الحسنيٰ: حضرت روضي ڌڻي رحمۃ اللہ علیہ

### القهار

القهار: يعني اهڙو طاقتور، جيڪو هٺ ۽ هوڏ وارن جو ڳاٽو ڀڃندڙ ۽ ڪين ذلت ۽ خواري جو موت ڏيندڙ هجي ۽ ساري مخلوق ان جي رعب تاب ۽ ڌڪاءَ اڳيان هيٺي ۽ هيسيل، بيوس ۽ بي اختيار هجي. سندس قدرت ۽ ڪبريائي آڏو سندس قهر ۽ جلال واري واديءَ ۾ هر ڪو حيران ۽ پريشان ڦرندو وتي. الله تعاليٰ جو ارشاد آهي: "لمن الملك اليوم لله الواحد القهار" جي ئي بادشاهي آهي.

**تعلق:**

هن اسم سان تعلق جي واٽ هيءَ آهي، ته عارف الله جي "قهاريت" کي سڃاڻي، نفس جي فريب ۽ اوچتي خدائي قهر کان ڊڄندر ۽ ڏڪندڙ هجي ۽ انتهائي خوف وچان الله تعالي جي لطف و ڪرم جي دامن ۾ پناهه ڳوليندڙ هجي.

**تخلق:**

هن اسم سان تخلق (صفت اپنائڻ) هن طرح حاصل ٿيندو، ته حال واري بادشاهه جي غلبي ۽ دٻدٻي سان دين جي دشمن انسانن، جنن ۽ شيطانن مٿان غالب رهي ۽ پنهنجي وقت ۽ حالت تي انهن کي اثر انداز ٿيڻ نه ڏي. بلڪ هر پاسي کان سندن رستو بند ڪري ڇڏي ته جيئن اهي سڌي راهه کان هن کي ٻاهر نه ڪڍي وجن. انسان جو وڏي ۾ وڏو دشمن ته سندس نفس ئي آهي، جنهن کي دل جي نور سان هو پنهنجو تابع بڻائي ۽ خاموش رکي. ان سان گڏ نفس کي عبادت ۽ اطاعت الٰهي جو به عادي بنائي. خلقِ خدا کي شرعي حدود اورانگهڻ نه ڏئي بلڪ ائين ڪرڻ وارن لاءِ داٻ دڙڪو، مار موچڙو ۽ قتل تائين سزا هجي. (جيئن خدا تعاليٰ جو حڪم آهي) نفس کي به سنتن جي ترڪ ۽ اجاين بي فائدي ڪمن ۾ پوڻ کان روڪي ۽ مٿس سختي ڪري. "قهار" مراد اهي آهن، جن سان جيڪو به منهن مقابل ٿيو ان کي مات ڏئي ڇڏيائون.

**تعبد:**

عبدالخالق: قهار جو ٻانهو اهو آهي، جنهن کي الله جل جلالہ پنهنجي مدد سان نفس جي قوتن تي غالب ٿيڻ ۽ انهن کي پنهنجي زير ڪرڻ جي توفيق بخشي هجي ۽ جڏهن اسم "قهار" جي تجلي مٿس ڪيائين ته پوءِ جنهن ۾ به هٿ وجهندو، سو سندس مطيع بڻجي ويندو ۽ جيڪو به ان سان مقابلو ڪندو يا وير وجهندو، ته اهو سندس هٿان دسجي پوندو. هو دنيا کي ته پنهنجي اثر هيٺ آڻي سگهندو، پر پاڻ دنيا جو ڪڏهن به ڪو اثر قبول نه ڪندو.

# افڪار امام سنڌي رحمة الله عليه

## اجتماعيت

اها هڪ وڏي بدقسمتي چئجي جو هڪ وڏي عرصي کان اسان جا ڄاڻو ماڻهو، تاريخ جي علم کي انفرادي طريقي سان ڏسڻ جا عادي ٿي چڪا آهن. اها بيماري اسان جي معاشري ۾ ڏاڍائي ڪندڙ بادشاهن جي دور جي يادگار آهي. جبر ۽ ڏاڍ جي دور جو اهو لازمي نتيجو سامهون ايندو آهي ته اجتماعيت جي بدران فرد تي وڌيڪ زور ڏنو ويندو آهي. تاريخ جي هيڻائين ۾ مٿاهين، واقعن جي ڦير ڦار کي اجتماعي اثرن جي بجاءِ چند شخصن جي ڪوشش ڏانهن منسوب ڪيو ويندو آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان جي تاريخ جا ڪتاب، قومن جي گڏيل زندگي ۽ ان جي عروج ۽ زوال تي بحث ڪرڻ جي بجاءِ بادشاهن ۽ ڪن مخصوص شخصن جي حالتن بيان ڪرڻ جا داستان بڻجي ويا آهن. انفراديت جو اهو رجحان آهي، جنهن اسان جي صاحبان علم کي ان طرف ڌڪي ڇڏيو آهي ته هو اسلام جي اجتماعي قوت کي پاسيرو ڪري ڇڏيندا آهن ۽ انهن جو سمورو زور ڪن فردن جي شخصيتن کي نمايان ڪرڻ ڏانهن مڙي ويندو آهي. ان ڪري ئي قومن جي ترقي ۾ اجتماعيت کي جيڪا اهميت حاصل آهي، ان تي اهل علم بحث ڪرڻ ضروري نٿا سمجهن.

مثال جي طور تي جڏهن اهي رسول ڪريم ﷺ جن جي سيرت لکڻ شروع ٿا ڪن ته هو مڪي جي اجتماعي زندگي، قريش جي قومي جوڙجڪ، قُصي کان وٺي قوم جي تنظيم ۽ وسعت جي حالتن کي سامهون نٿا رکن، جن سان حضرت رسول اڪرم ﷺ جن جي بعثت جو گهرو تعلق آهي. انهن اهل علم جي سيرت لکڻ جي شروعات ائين ٿئي ٿي ته الله تعاليٰ کي منظور هو ته هدايت لاءِ هڪ عظيم الشان پيغمبر کي پيدا فرمائي ۽ پوءِ هڪ ڪامل ۽ مڪمل شخصيت وجود ۾ آئي، جنهن توحيد جو پيغام ڏنو. ان طرح سندن سيرت لکڻ جو مقصد هڪ ذات مقدس جي انفراديت کي پيش ڪرڻ موضوع رهندو پيو اچي. ان طرح سيرت جي ڪتابن جو انبار ڪنو ٿي ويو.

اسان جڏهن کان يورپ جي سياست جو سڌو سنئون مطالعو ڪرڻ شروع ڪيو آهي ته اسان کي انسان جي اجتماعي زندگي، جيڪا سرمايه دارانه نظام جي پيداوار آهي، کي سمجهڻ ۽ پرکڻ جو موقعو مليو. هاڻي وري محنت ڪندڙ طبقو هڪ معاشرو پيا جوڙين. اسان ڏسون پيا ته سرمايه دارانه نظام ۽ اشتراڪي نظام ٻئي مذهب جي خلاف آهن. فرق صرف اهو آهي ته سوشلسٽ، ڳالهين کي لڪائيندا ناهن، هو چٽيءَ طرح مذهب تي حملو ڪندا آهن ۽ واضح طريقي سان مذهب جو انڪار ڪندا آهن. مگر سرمايه دار اندروني طرح ته مذهب جي مخالفت ۾ سوشلسٽن سان گڏ هوندا آهن، پر ظاهري طرح مذهب جو انڪار نه ڪندا آهن. اهي سرمايه دار، پنهنجن سياسي مصلحتن سبب مذهبي ماڻهن کي پنهنجي لاءِ استعمال ڪندا آهن. ان ڪري



چٽي طرح مذهب جي مخالفت ڪري، مذهبي طبقن جي دشمني حاصل ناهن ڪندا.

سرمايه دارن طرفان مذهب جي مخالفت نه ڪرڻ، ان ڳالهه تي ٻڌل ناهي ته هو مذهب کي چاهين ٿا، پر اها انهن جي منافقت آهي. جڏهن ته محنت ڪش طبقي جي مذهب دشمني واري تحريڪ جو ڪو طبعي نتيجو ناهي. اهڙي تحريڪ ۽ مذهب دشمني پاڻ ۾ لازم ملزوم ناهن. ٿي سگهي ٿو ته اهڙي محنت ڪش ماڻهن جي تحريڪ ڪنهن ٻئي مقام تي ظاهر ٿئي ۽ اها مذهب جي مخالف نه هجي.

اسان فرد جي مقابلي ۾ قومي زندگي ۾ اجتماعيت کي اهميت سان ڏسون ٿا. اسان امام الهند شاهه وليُ الله رحمة الله عليه کي به گهري نظر سان جاچيو آهي ته هو به انفراديت جي مقابلي ۾ اجتماعيت تي وڌيڪ زور ڏئي ٿو.

اسان ديوبندي اسڪول مان پرايو آهي، جيڪو شاهه صاحب جي تعليمات کي مرڪزيت قرار ڏئي ٿو. اسان جي ابتدائي تعليم، يورپ جي سياسيات جو مطالعو ۽ امام الهند شاهه وليُ الله رحمة الله عليه جو فڪر، اهي ٽئي بنيادي شيون آهن، جنهن اسان کي تاريخ جي واقعن ۽ حادثن کي اجتماعي نڪته نظر سان ڏسڻ جو عادي بنايو آهي. پر اها وضاحت به ضروري آهي ته اجتماعي زندگي گذارڻ لاءِ ڪنهن لاديني نظريي سان وابستگي لازمي نه آهي. مستقل ديني نظريي تي اجتماعيت جو بنياد رکي سگهجي ٿو.

ان ۾ به ڪو شڪ ناهي ته حضرت شاهه صاحب رحمة الله عليه جن انفراديت جي مقابلي ۾ اجتماعيت تي اهو زور نه ڏنو آهي، جنهن جي ضرورت هئي. ڇو ته ان وقت ملڪ جون جيڪي حالتون هيون، اهي ان قسم جون نه هيون، جيڪي ان کي برداشت ڪري سگهن. پوءِ زمانو بدلجي ويو ۽ بادشاهن جو دور ختم ٿي ويو. اسان هاڻي شاهه پرستي جي دور کان گهڻو اڳتي پهچي ويا آهيون. هينئر هن زماني ۾ مون لاءِ ان ۾ غفلت ڪرڻ جي ڪا به گنجائش ناهي ته اسلام جي اجتماعيت جي ضرورت کي چٽائي سان پيش نه ڪريان. مون کي وڏ ۾ وڏ اها پريشاني ٿيندي ته اسلام جي اجتماعي نظام کي اجاگر ڪرڻ ۾ مون کان اهي دوست ناراض ٿي ويندا جن حضرت شاهه صاحب رحمة الله عليه جي فڪر ۽ نظريي جو گهرائيءَ سان مطالعو نه ڪيو آهي. مگر صورتحال اها آهي ته اسان جا اهڙا ماڻهو گهڻو پوئتي رهجي ويا آهن. سندن ڪارگردگي ٻڙي تي پهچي وئي آهي. ان ڪري انهن جو خيال ڪرڻ ۽ انهن جي رعايت رکڻ بيڪار آهي. شاهه صاحب رحمة الله عليه جي زماني ۾ ان طبقي جي ڪجهه اهميت هئي، ان ڪري انهن مصلحت خاطر انهن جو خيال رکيو ته ٺيڪ هيو. پر هاڻي ٻه سو سالن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ بعد هر شيءِ واضح ٿي وئي آهي. ڪا به اهڙي شيءِ نه بچي آهي، جنهن جي حفاظت لاءِ وقت جي مصلحت جو خيال رکيو وڃي. ان ڪري انهن حالتن ۾ مون پنهنجي زندگي جو اهو مقصد بنايو آهي ته حضرت امام الهند شاهه وليُ الله رحمة الله عليه جي بنيادي تعليم کي چٽو ڪري، واضح نموني سان دنيا جي سمورن انسانن تائين پهچايان ۽ انسانن کي هڪ اجتماعيت جي ڏاري ۾ آڻيان.

(شاهه وليُ الله رحمة الله عليه ۽ ان جو فلسفو — مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه، صفحو ١٤٦ کان ١٤٩ تائين)

ايڊيٽوريل/چيف ايڊيٽر

# اتر وزيرستان ۾ فوجي آپريشن

سمورا مسلمان ملڪ، سيني پيداواري وسيلن جهڙوڪ خوراڪ، تيل، گيس ۽ معدني کاڻين جي باوجود عالمي ڪفر جي قبضي هيٺ آيل آهن. اهو قبضو سياسي، معاشي ۽ تهذيبي تسلط جي صورت ۾ موجود آهي. هيٺريون ساريون ظاهري طرح آزاد مملڪتون ڇو آمريڪا جي غلامي ۾ جڪڙيل آهن؟ ايترن پيداواري وسيلن جي موجودگي ۾ ڇو عالمي مالياتي ادارن جون مقروض آهن؟ پنهنجن جي خودي، خود داري ۽ غيرت ڪي پائمال ڪري ڇو عالمي ڪفر جي تهذيبي ۽ ثقافتي نقالي ۾ هڪ ٻئي کان اڳتي وڌي رهيون آهن؟ ان صورتحال تي سنجيدگيءَ سان سوچڻ جي ضرورت آهي.

پاڪستان جي سياسي ۽ معاشي صورتحال ته گهڻن مسلم ملڪن کان وڌيڪ بدتر بڻيل آهي. ذلت، خواري، بي شرمي ۽ ڏارين کان پنڻ جي معاملي ۾ هيءُ ملڪ سيني کان گوءِ کڻي چڪو آهي. پر هن ملڪ لاءِ، ڪي ڪم عقل ۽ نادان دانشور چوندا رهندا آهن ته هي ملڪ خداداد اسلامي نظرياتي مملڪت آهي ۽ هن ملڪ جي ناهيندڙن، دين جي محبت ۽ اسلام جي عشق ۾ اچي هن ملڪ ڪي ناهيو. پوءِ وري اهڙا بيوقوف ائين به چوندا آهن ته ناهيندڙن ته وڏي نيڪ نيتي ۽ اسلام جي جذبي سان ملڪ ناهيو، پر پوين اچي هاڻي ملڪ ڪي تباهي ۽ بربادي جي منزل تي پهچايو آهي. اهي ماڻهو اها پڌري ڳالهه به نٿا سمجهن ته لارڊ ميڪالي جي نظامِ تعليم هيٺ جيڪي ماڻهو ذهني طرح لادين بڻجي تيار ٿي چڪا هئا ۽ اهي سامراجي دور ۾ جاگيرون، مراعاتون ۽ سرڪاري لَقَبَ حاصل ڪري چڪا هئا، انهن ئي پاڪستان جو نعرو بلند ڪيو ۽ انهن ڪي ئي سامراجي قوتن ملڪ جون واڳون ڏنيون، تان ته هي نئون ملڪ اڳتي هلي سامراجي مقصدن ۾ هٿي ڏئي. پوءِ هاڻي تائين ائين ئي ٿيندو پيو اچي.

پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ انتقال آبادي واري مرحلي ۾ لکين انسان هلاڪ ٿيا. چوويهن سالن کان پوءِ ملڪ جي هڪ فوجي ڊڪٽيٽر بنگال ۾ ڏهه لک ڪن ماڻهو هلاڪ ڪري ملڪ جو وڏو حصو الڳ ڪري ڇڏيو. ١٩٨٠ع جي ڏهاڪي کان وٺي اڄ تائين پاڪستان ۽ افغانستان جي علائقن ۾ مسلمانن جو قتل عام جاري آهي. آمريڪي دهشت گردي جيڪا لبنان، فلسطين ۽ عراق ۾ ويهارو سالن کان هلندي پئي اچي، اها هاڻي پوري زور شور سان پاڪستان جي اترين علائقن ۾ شروع ٿي وئي آهي. اهڙن مسلم ملڪن ۾ جتي به آمريڪا جي خلاف شديد نفرت ڪئي وڃي ٿي ۽ مسلمان آمريڪا جي خلاف صف آرا آهن، خاص طرح انهن ملڪن ڪي آمريڪا ٽارگيٽ بڻائي چڪو آهي. هاڻي هو ايران ۽ پاڪستان ۾ رٿا بندي سان مسلمانن جي تباهي لاءِ سانياها ڪري اڳتي وڌي رهيو آهي. پاڪستان ۾ ته سمورا علائقا هُن جي ڪنٽرول ۾ اچي چڪا آهن. جنرل پرويز مشرف جي دور حڪومت کان وٺي هوائي اڏا آمريڪا جي حوالي ٿيل آهن ۽ ڊرون حملن جي اجازت ڪيس مليل آهي. پر هاڻي زرداري



حڪومت ۾ ته آمريڪي جنرلن، خاص طرح آرمي چيف ڪي لالچ ۽ ڌمڪين جي صورت ۾ قيد ڪري، مسلمانن جي قتل عام لاءِ راضي ڪري چڪو آهي. آمريڪا به ڇوي پيو ۽ اسلام آباد جي حڪومت به اهڙا اختيار ڏيئي ڇڏيا آهن ته آرمي چيف جڏهن چاهي، جنهن وقت چاهي، اتر وزيرستان ۾ فوجي آپريشن ڪري مسلمانن جي هلاڪت جو اعلان ڪري سگهي ٿو.

تاريخ ۾ شايد ئي اهڙي صورتحال ڪڏهن مسلمانن ڪي پيش آئي هجي جو پنهنجي ملڪ جي فوج (مسلمانن جي فوج) ڪنهن ڪافر سامراجي ملڪ، اسلام ۽ مسلمانن جي دشمن ملڪ ۽ جارحيت ڪندڙ ملڪ جي چوڻ تي پنهنجي ئي ملڪ اندر عام انسانن ڪي قتل ڪندي رهي. فقط ان ڪري ته اهي غيرت مند هجن ۽ هو آمريڪا جهڙي ظالم رياست کان نفرت ڪندا هجن.

آرمي چيف ڪياني، صدر زرداري، وزير اعظم گيلاني، ملڪ جي پارليمينٽ ۽ سمورين سياسي پارٽين جي ليڊرن ۽ سندن حمايتن ڪي "مبارڪ باد" هجي جو هو "خداداد مملڪت" جي قائم ڪرڻ جا مقصد ان صورت ۾ پورا ڪري رهيا آهن جو هو مسلمانن جو قتل عام ڪري، لکن مسلمانن ڪي هلاڪ ۽ برباد ڪري، آخرت واري هميشه جي زندگيءَ ۾ خدا تعاليٰ جي عذاب عظيم جا مستحق بڻجي رهيا آهن. (اَللّٰهُمَّ لَا تَجۡعَلۡنَا مَعَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ)

---

## هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ جو بنياد

وَتَعَاوَنُوۡا عَلَى الۡبِرِّ وَالتَّقۡوٰى ۖ وَلَا تَعَاوَنُوۡا عَلَى الۡاِثۡمِ وَالۡعُدۡوَانِ

"نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪندا رهو ۽ گناهه ۽ زيادتيءَ ۾ هڪ ٻئي جي مدد نه ڪريو." (سوره المائده- آيت 2)

قرآني آيت جو هيءُ ياڳو ڏسڻ ۾ تمام ننڍو آهي پر معنيٰ جي خيال کان هن ۾ دين متين (مضبوط) جو سارو روح اچي ويو آهي. مدد ڪنهن جي ڪئي وڃي ۽ ڪنهن جي نه ڪئي وڃي، انفرادي ۽ قومي زندگيءَ ۾ ساٿ ڏيڻ ۽ نه ڏيڻ جي سلسلي ۾ رهنمائي ڪندڙ اصول ڇا هجي ۽ سياست ۾ اقتدار وارن سان اختلاف ڪهڙن معاملن ۾ ڪيو وڃي؟ هنن سيني ڳالهين تي هن آيت مان چڱي روشني پئي ٿي.

اڄ جي سڌريل ۽ روشن خيال دنيا ۾ پنهنجي قوم ۽ پنهنجي پارٽي، حق ۽ باطل جي پرک لاءِ ڪسوٽي آهي. هڪ فرد ان خيال جي تائيد ڪندو جيڪو ان جي قوم ۽ ان جي جماعت جو آهي. ان ۾ اهو نه ڏٺو ويندو ته اهو ظلم تي ٻڌل آهي يا عدل تي. پر اسلام ان جي ابتڙ هڪ ٻي سوچ جي تعليم ڏئي ٿو. ان وٽ نيڪي يا چڱائي جي ڪمن ۾ پنهنجي پارٽي بلڪ پنهنجي قوم جي سطح کان بلند ٿي هر هڪ سان مدد جو هٿ ڊگهيڙڻ گهرجي ۽ گناهه ۽ زيادتيءَ جي ڪمن ۾ ڪنهن جو به ساٿ نه ڏيڻ گهرجي. توڙي ان جو ڪندڙ پنهنجو ئي دوست، مائٽ ۽ هم خيال ڇو نه هجي، هو ان ڪي اهميت نه ٿو ڏئي ته چوڻ وارو ڪير آهي.

نور احمد ميمڻ

# الله وارن لاءِ الله ڇا ٿو چوي؟

### مايوسي ڪفر آهي

"الله جي رحمت کان نا اميد نه ٿيو، الله جي رحمت کان نا اميد فقط اهي ماڻهو ٿين ٿا جيڪي ڪافر آهن" (يوسف: ٨٧)

انصاف، سچائي ۽ نيڪيءَ جي وات تي هلندا رهو، مايوس نه ٿيو. انصاف، سچائيءَ ۽ نيڪيءَ جي وات تي هلڻ جي ڪري وقتي طرح اوهان کي بظاهر پنهنجو خسارو ٿيندي نظر ايندو، پر اهو عارضي آهي. اوهان کي الله تعاليٰ دائمي برڪت ۽ سلامتي جا دروازا کولي ڏيندو.

### نصيحت ياب ٿيڻ جو خدائي قانون

"۽ نصيحت ته فقط اهي ئي وٺن ٿا جيڪي خدا ڏي رجوع ٿين ٿا (۽ ان جي ڏيکاريل واٽ تي هلن ٿا.)" (المؤمن:١٣)

جن ماڻهن جو ماڻهپو زنده آهي، اهي انسانيت جي قدرن ۽ اخلاقن سان جيئڻ گهرندا آهن. اهي الله تعاليٰ جي پاران موڪليل انسانيت جو آخري منشور ۽ هدايت قرآن کي مڃين ٿا ۽ ان جي ٻڌايل حڪمن تي هلن ٿا. ڪين الله جي حضور پيش ٿيڻ وقت شرمساريءَ کان بچڻ جو الڪو هوندو آهي.

### جيڪو رحمان کان ڪٽيو سو شيطان حوالي ٿيو

"۽ جيڪو به رحمان جي ذڪر کان (يعني قرآن مجيد تي عمل ڪرڻ کان) منهن موڙي ٿو، تنهن جي لاءِ اسان هڪڙو شيطان مقرر ڪري ٿا ڇڏيون، جو سندس سنگتي ۽ ساٿي ٿئي ٿو." (زخرف:٣٦)

جنهن ماڻهوءَ کي زندگيءَ جي نصب العين ۽ مقصد جي ڪا خبر ڪونهي ۽ ان کي اهو شعور ئي ڪونهي ته منهنجي منزل ڇا آهي؟ اهو انسانيت جي آخري منشور قرآن کان به ڪٽيل آهي. پوءِ اهو رڳو مطلب، مفادن ۽ ڇڙواڳيءَ جي زندگي سان جيئي ٿو. شيطان کي به اهائي ڳالهه سوٽ ڪندي آهي، سو ڪيس مطلب، مفادن ۽ ڇڙواڳيءَ جي ان دنيا ۾ ريجهائي رکي ٿو.

### مصيبتن سبب نا شڪري

"(اي انسانو) جيڪڏهن توهان خدا جي نعمتن جو قدر ڪيو ۽ مٿس ايمان رکو ته خدا کي توهان کي عذاب ڏئي ڇا ڪرڻو آهي، الله تعاليٰ ته (انسانن جي نيڪ عملن جو) قدر ڪندڙ ۽ (هنن جي حالت جو) علم رکندڙ آهي." (النساءِ:١٤٧)

الله تعاليٰ ڪائنات جو خلقڻهار آهي، خود انسان جي نرالي تخليق ان جو شاهڪار آهي



جو ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو اٿس. اهو سڀ ڪجهه الله تعاليٰ انسان کي عذاب ڏيڻ لاءِ نه ڪيو آهي. الله تعاليٰ جيئن شين جا اثر مقرر ڪيا آهن، بلڪل تيئن ئي عملن جا نتيجا به مقرر ڪري ڇڏيا آهن. وري پنهنجي هدايت موڪلي ٻن واٽن، نيڪي ۽ بدي جا رستا ۽ نتيجا کولي کولي ٻڌائي ڇڏيا اٿائين. هاڻي انهن رستن مان انتخاب جو حق به انسان کي خود حاصل آهي، تنهن ڪري انهيءَ جي نتيجن جو ذميدار به پاڻ ئي آهي. انهيءَ ڪري ماڻهو جيڪڏهن سوچي ٿو ته مان فلاڻي جماعت ۾ هجڻ ڪري ڇٽي ويندس يا ڦلاڻي جي مدد ۾ هئڻ ڪري رب جون مهربانيون ماڻي وٺندس ته مڪي جي انهن ڪافرن جهڙو خيال آهي، جيڪي ڪنهن مخصوص بت جي آڏو قرباني ڪري پاڻ کي گناهن کان آجو سمجهندا هئا.

### ظلم ۽ زيادتي ڪندڙن جي بدنصيبي

"۽ الله تعاليٰ ظلم زيادتي ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري." (آل عمران: ٥٧)

انڪار جي واٽ وٺندڙن کي الله تعاليٰ قرآن ۾ ظلم ۽ زيادتي جي واٽ وٺندڙ ليکيو آهي. انهن جو ظلم هي آهي ته خلقڻهار ۽ مهربان الله جي ذات کان ويسلا آهن ۽ زيادتي انهن جي پنهنجي ذات مٿان آهي، جو هو پاڻ کي ان جي رحمت ۽ مهربانين کان محروم رکن ٿا.

### نافرماني الله تعاليٰ جي گرفت ۾ آڻي ٿي

"سو جيڪڏهن توهان فرمانبرداري ڪندؤ ته پوءِ الله تعاليٰ اوهان کي سٺو اجر ڏيندو. پر جيڪڏهن توهان منهن موڙيندؤ جيئن اڳي منهن موڙيو هيوَ، ته پوءِ الله تعاليٰ اوهان کي دردناڪ عذاب واري سخت سزا ڏيندو." (الفتح:١٦)

خدائي ضابطن جي پابندي ڪرڻ جو نتيجو انسان کي ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جي صورت ۾ حاصل ٿئي ٿو. جيڪو انهن ضابطن کان منهن موڙي ٿو ته ان جي زوال جو آغاز ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن فرد آهي ته پنهنجو حسن، لقاءُ ۽ ڪامراني وڃائي ٿو ۽ جيڪڏهن اجتماع آهي ته فلاح جي بجاءِ انارڪي ۽ ترقيءَ جي بجاءِ تنزلي ان جو مقدر بڻجي وڃي ٿي.

### مومنن جو شيوو

"مومن مردن کي چئو ته هو پنهنجون اکيون (پراين عورتن جي سامهون اچڻ وقت) هيٺ ڪري ڇڏين ۽ پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪن، اها ڳالهه هنن جي لاءِ پاڪائي واري آهي." (النور: ٣٠)

جيڪو دين تي هلي ٿو ته الله تعاليٰ ان جي لاءِ پنهنجي هدايتن ذريعي دين تي هلڻ آسان ٿو ڪري ڇڏي. روزاني زندگيءَ ۾ ڪٿي ڪا پرائي عورت ٽڪرائجي وڃي ته هڪدم پنهنجي اکين کي هيٺ ڪرڻ سان اوهان خيالن جي انتشار جي پونچال کان بچي ويندا ۽ اهي خيال ئي هوندا آهن، جيڪي راس ٿيڻ کان پوءِ ماڻهوءَ جي سندرتا ۽ عظمت ۽ خدا سان ان جي محبت جا دشمن بڻجي پوندا آهن. ان ڪري اها نوبت ئي اچڻ نه ڏجي.

### الله تعاليٰ جي رنگ ۾ رنگجڻ

"۽ جيئن الله تعاليٰ توتي احسان ڪيو آهي، تيئن تون به (ماڻهن تي ) احسان ڪر." (القصص:٧٧)

الله تعاليٰ جون هونئن ته انسانن جي مٿان اڻ ڳڻيون مهربانيون آهن. پر انهن ۾ علم، مرتبي ۽ مال جون مهربانيون، انسان لاءِ پنهنجي شخصيت جي اصل ارتقا جو ذريعو آهن. اصل ارتقا آهي الله تعاليٰ جي محبوبيت حاصل ٿيڻ. انسان جيئن جيئن پنهنجي علم، مرتبي ۽ مال جي ذريعي انسانن سان ڀلايون ڪندو ويندو، ۽ انهن ٽنهي شين کي الله جي رضا لاءِ استعمال ڪندو، تيئن تيئن الله تعاليٰ جي محبوبيت کيس حاصل ٿيندي ويندي.

### برائيءَ کي ڀلائيءَ سان منهن ڏيڻ جو نتيجو

"تون (بديءَ ۽ برائيءَ کي) انهيءَ طريقي سان دفع ڪر جو بهترين طريقو هجي، پوءِ نتيجو هي ٿيندو، جو جنهن (بري) شخص ۽ تنهنجي وچ ۾ بي اتفاقي ۽ دشمني هئي، سو اهڙو ته ٿي پوندو جو ڄڻ ته هو تنهنجو گهرو ۽ گهاٽو دوست آهي." (حمٰ سجده:٣٤)

جيڪو شخص خدا ڏي سڏيندڙ هجي، ان کي لازمي طرح هڪ ته عملي زندگي هجي ۽ ٻيو ته هو فرقن کان آجو هجي. صرف سلامتيءَ جي دين جي دعوت ڏئي ۽ ان واٽ تي هلندي جيڪڏهن ان کي رڪاوٽون پيش اچن ۽ مدائي منهن ڪڍي بيهي ته هو انهيءَ کي بهتر طريقي سان دَفع ڪري، انهيءَ طريقي سان کيس بهتر نتيجا حاصل ٿي سگهندا. اهو رويو هر انسان لاءِ عام زندگيءَ ۾ ساڳي طرح ڪارگر ۽ مصيبتن کان بچڻ وارو آهي.

### مڪمل ايمان جون علامتون

"۽ (مومن اهي آهن) جيڪي پنهنجي امانتن ۽ عهدن (۽ واعدن) پاڙڻ ۾ بلڪل ايماندار رهن ٿا. (مومنون:٨)

جن مومنن کي ڪامراني ۽ فلاح حاصل ڪرڻ جو پنهنجي پالڻهار وٽان پروانو مليل آهي، انهن جي اطاعت نماڻائي واري آهي. اهي اجاين واهيات ڳالهين کان منهن ڦيرائي ٿا ڇڏين. جيڪي ڏيڻ جي واٽ تي اڳرا آهن، پنهنجي ستر سنڀالڻ ۾ پختا آهن ۽ سندن پنجين امتيازي خاصيت اها آهي جو پنهنجي امانتن ۽ واعدن کي ڪڏهن به پاسيرو نٿا رکن ۽ انهن جي پوري ڪرڻ ۾ بلڪل سچا رهن ٿا.

### حق ۽ انصاف کي هرگز نه ڇڏيو

"۽ جڏهن ڪا به ڳالهه چئو ته حق ۽ انصاف جي چئو. توڙي جو معاملو پنهنجن ماڻهن سان تعلق رکندڙ هجي (۽ انصاف سندن خلاف وڃي)" (الانعام: ١٥٢)

انسان پنهنجي رشتيدارين جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌل هئڻ ڪري عام طور تي زندگيءَ ۾ انصاف جي واٽ تي ترڪي پوندو آهي. الله تعاليٰ پنهنجي فرمانبردار ٻانهن کي باوقار شخصيت ۽ عظمتن ۽ سندرتا سان زندگيءَ ۾ جيئڻ ۽ آخرت ۾ سندس حضور ۾ پيش ٿيڻ جا رستا ٻڌائي ٿو. ناحق تي پنهنجن جي طرفداريءَ سان انهن مائٽن کي وقتي طور ته فائدو رسي ويندو، پر طرفدار جي پنهنجي شخصيت جو ايمان، وقار ۽ سندرتا تباهه ٿي ويندي ۽ خدا جي حضور ۾ سخت خواري جي حالت ۾ پيش ٿيندو.



مولانا محمد سليمان طاهر

## انقلابي تحريڪ جا اڳواڻ

ٻنهي جهانن جا سردار ۽ ڪائنات جا آخري پيغمبر حضرت سيد المرسلين ﷺ جن، چاليهن سالن جي عمر جا ٿيا ته الله تعاليٰ طرفان مٿن وحي نازل ٿيو. کين حڪم ٿيو ته سڀ کان پهريائين پنهنجي قوم جي هدايت ۽ اصلاح لاءِ جدوجهد جو آغاز ڪيو. هيءَ جدوجهد جيڪا ٽيويهن سالن تي مشتمل آهي، اهائي سيرت طيبه آهي، جيڪا مرحلي وار انقلابي تحريڪ جي ڪهاڻي آهي.

هن انقلابي تحريڪ جا اڳواڻ ۽ مرڪزي ڪردار خود پاڻ هئا ۽ سندن سرپرست، خداوند قدوس جل و عليٰ جي ذات مقدس هئي. انقلابي تحريڪ جو پهريون پيغام "غار حرا" ۾ مليو، دار خديجة الڪبريٰ ؓ عنها ۾ ان جي ابتدا ڪئي وئي. پهريان ٽي سال مخفي طرح ساٿي ٺاهيا ويا، دار ارقم، ان وقت تعليم ۽ تربيت جو مرڪز هيو. پوءِ ذوالعشيره جي دعوت ۾ هاشمي خاندان تائين پيغام پهچايو ويو. بعد ۾ صفا پهاڙي تي نڪري نروار ٿيا ۽ پوري قوم کي کليل دعوت ڏني وئي. سوق عڪاظ ۾ مختلف وفدن ۽ تجارتي قافلن تائين حق جو پيغام پهچايائون. انهيءَ پيغام جي ڪري شعب ابي طالب ۾ کين محصور رکي سوشل بائيڪاٽ ڪيو ويو. پر واري شهر طائف جو دورو ڪيائون، زخمي ٿي اتان واپس وريا. بيعت عقبه اوليٰ ۾ يثرب جي ڪجهه ماڻهن اسلام قبول ڪيو، بيعت عقبه ثانيه ۾ وڌيڪ ماڻهن اسلام ۾ شموليت اختيار ڪئي. مڪي جي سر زمين، جڏهن رهبر انسانيت ﷺ تي تنگ ڪئي وئي ته رب ذوالجلال جي مشيت سان يثرب ڏانهن هجرت ڪرڻ جو حڪم مليو. ان طرح سندن يثرب اچڻ سان هي ڳوٺ "مدينة النبي" بڻجي ويو.

انقلابي تحريڪ جو پهريون مرحلو جيڪو مڪي ۾ گذريو ۽ تيرهن سالن تي مشتمل هو، سو هڪ سخت مرحلو هو. ان مرحلي ۾ جيڪي دوست ۽ ساٿي مليا ٿي، سي به سخت جان هئا. انهن پنهنجي سر تي جيڪي تڪليفون، مصيبتون، درد، ايذاءَ ۽ جسماني تشدد برداشت ڪيو، ۽ پوءِ استقامت ڏيکاريائون، سا نه صرف هڪ حيرت انگيز حقيقت آهي، بلڪ تاريخ ۾ ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

سيد نا ابو بڪر صديق جهڙي محترم شخصيت تي حرم ڪعبه ۾ حملو ڪري شديد زخمي ڪيو ويو. جنهن سبب هو بيهوش ٿي ويو ۽ ان حالت ۾ کيس گهر وٺي آيا. حضرت سيدنا عثمان بن عفان ؓ کي سندس مامو روزانه ماريندو ۽ ڄڳهه ۾ بند ڪري، ان ۾ دونهون دکائي سزا ڏيندو هو. آل ياسر ؓ عنه کي شديد تڪليفون ڏنيون ويون. پورو خاندان، مصائب ۾ مبتلا رهيو. حضرت سيدنا بلال ؓ عنه کي زنجيرن ۾ ٻڌي تتل واري تي سمهاريو ويندو هو. ابوذر غفاري جڏهن ڪعبي ۾ وڃي ڪلمه توحيد پڙهيو ته مٿس حملو ڪري کيس بيهوش ڪيو ويو. مصعب بن عمير ؓ تعاليٰ عنه ۽ سعد بن ابي وقاص کان گهر وارن بائيڪاٽ ڪيو ۽ کين گهرن مان نيڪالي ڏني. بي پهچ ۽ مظلوم غلامن سان ته اهڙا ڪيس ڪيائون جو ڌرتي ڏڏي وئي ۽ آسمان جنبش ۾ اچي ويو. اهي مظالم ۽ مصائب ته "اصحابِ محمد" تي ٿيندا رهيا. مگر خود

رهبر انسانيت ۽ قائد امت ﷺ جن تي جيڪي مصائب ٿيندا رهيا، ۽ ڪين بار بار جسماني تشدد مان گذرڻو پيو ۽ خاص طرح طائف جي سفر ۾ جيڪي ڪجھ ساڻن سلوڪ ڪيو ويو، اهو تہ اهڙو ۽ ايتري قدر تڪليف ڏيندڙ هو، جو ان کي برداشت ڪرڻ فقط نبوت جو ئي حوصلو هيو.

مديني طيبہ ۾ انقلابي تحريڪ جو ٻيو مرحلو شروع ٿي ويو. هي مرحلو بہ قدم قدم تي قربانين ۽ جانين فدا ڪرڻ جو مرحلو ثابت ٿيو. هجرت کان پوءِ پهرين سال ئي چار مختلف جھڙپون ٿيون. پوءِ ٻي سال، الله تعاليٰ جي منصوبہ بندي هيٺ غزوه بدر جو معرڪو پيش آيو. هن لڙائي تاريخ جو رخ موڙي ڇڏيو. ان ڪري هن کي "يوم الفرقان" سڏيو ويو آهي. هن جنگ ۾ الله تعاليٰ اصحابِ محمد جي ذريعي انساني آزادين لاءِ عالمگير دعوت جي غلبي جو آغاز ڪري ڇڏيو ۽ مشرڪن جا سٿر، سردار، پهلوان، ۽ جنگي ويڙهاڪ، فرعون امت (ابوجهل) سميت هلاڪ ٿيا ۽ ايترا ئي ماڻهو قيدي بڻايا ويا. هڪ سال کانپوءِ احد جي جنگ، مديني کان ٻاهر احد پهاڙ جي دامن لڳي. هن جنگ ۾ مسلمانن کي سسٽم جي پابنديءَ جو سبق مليو. تان تہ هو اڳتي هلي وڌيڪ مضبوط ٿين. خدا تعاليٰ ڏانهن ڀرپور توجهہ ڏين ۽ پنهنجي عظيم رهبر ﷺ جي اطاعت ۾ ڪابہ ڪمي نہ ڪن. خندق جي جنگ، شديد حملي ۽ ڀرپور قوت سان، مدينہ طيبہ ۽ اڀرندڙ مسلم قوت کي نابود ڪرڻ جي غرض سان سامهون آئي. مگر هن خوفناڪ حملي کي الله تعاليٰ ناڪام بڻائي ڇڏيو. انقلابي رهبر ﷺ ۽ انقلابي ساٿين رضہ جو صبر ۽ استقامت ۽ خاص طرح انصار مدينہ جي استقامت ۽ فدائيت ، الله تعاليٰ کي تمام گهڻي پسند آئي ۽ انهن کان ڏاڍو راضي ٿيو. پوءِ هن جنگ جي نتيجي ۾ مدينو، يهودين جي پليت وجود کان هميشہ لاءِ پاڪ ۽ صاف ٿي ويو. هاڻي روز قيامت تائين وري يهودي هن مقدس سر زمين تي آباد نہ ٿي سگهندا. (انشاء الله)

تحريڪ جو سفر جاري رهيو. سن 6 هجري ۾ عمري جي خيال سان مسلمان مڪي جي قريب پهتا. هنن کي اتي روڪيو ويو. "صلح حديبيہ" ٿيو. اهو صلح مسلمانن لاءِ بيحد مفيد بڻيو. ڪجھ عرصو جنگ بندي رهي ۽ آخرڪار مشرڪن صلح جي شرطن جي ڀڃڪڙي ڪئي. ان جي نتيجي ۾ مڪي تي چڙهائي ڪرڻ جي تياري ڪئي وئي. ڏھ هزار مقدس انقلابي سپاهي، پنهنجي عظيم قائد ۽ رهبر ﷺ جي قيادت ۾ مڪي جي ويجهو منزل انداز ٿيا. تاريخ پنهنجو فيصلو لکي رهي هئي. رب ذوالجلال، عظيم قربانين کي قبول ڪندي، انعام ڏيڻ جو اعلان فرمايو. ڪفر ۽ شرڪ آڏ مڃي. مڪو صلح ۽ سانت سان فتح ٿي ويو. انقلاب پنهنجي منزل حاصل ڪئي خدا جي گهر کي بتن کان پاڪ صاف ڪيو ويو. الله تعاليٰ جي ڪبريائي جو نعرو بلند ٿيو. مظلوم ۽ ستايل حبشي غلام، حضرت سيدنا بلال رضي الله تعاليٰ عنہ ڪنڌ اونچو ڪري، ڪعبت الله جي ڇت تي چڙهي، الله اڪبر - الله اڪبر جي صدا بلند ڪئي. سرڪار ڪائنات ۽ انقلابي رهنما ﷺ جن ڏاچي تي سوار هئا. سر مبارڪ، رب ذوالجلال جي آڏو شڪراني جي حيثيت ۾ جهڪيل هو. سمورا ظالم، جابر، متڪبر ۽ بتن جا پوڄاري، سندن سامهون مجرم بڻيا بيٺا هئا. ڪنهن فيصلي جا منتظر هئا. هو ڏڪي رهيا هئا. هنن کي چند سال اڳ جو داستان پوري طرح ياد هو. هنن کي سندن ڪرتوت ۽ مظلومن سان ڪيل بيجاءِ زيادتيون اکين آڏو ڦري رهيو هيون. مگر اڄ جنهن شخصيت، انقلاب آڻي فتح حاصل ڪئي هئي، اهو عام انسانن مان ڪو هڪ انسان نہ هو. بلڪ نبوت ۽ رسالت جو هن ڪائنات ۾ آخري نمائندو هو. هو رحمان الرحيم جي رحمت جو مظهر رؤف الرحيم هيو. هن مقدس انقلابي انسان جا چپ مبارڪ چُريا ۽



تاريخ انهن سنهري لفظن کي قيامت تائين محفوظ ڪري ڇڏيو.

لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ اِذْهَبُوْا فَاَنْتُمُ الطُّلَقَاءُ

"اڄ جي ڏينهن اوهان تي ڪابہ ميار ڪانهي، هليا وڃو اوهان سڀ آزاد آهيو. "

قرآن مجيد اعلان فرمايو تہ:

"جڏهن الله تعاليٰ جي مدد آئي ۽ فتح نصيب ٿي تہ توهان ڏسندؤ تہ ماڻهن جا ڪٽڪ اسلام ۾ داخل ٿيندا ويندا. پوءِ اوهان الله جو حمد ۽ ان جي پاڪائي بيان ڪرڻ سان گڏ، ان کان بخشش پڻ گهرو. اهو شفقت سان پنهنجو ڪندڙ آهي." (النصر)

دنيا جو آخري پيغمبر ﷺ، هن دنيا جو سڀ کان وڏو ۽ عظيم الشان انقلابي پيغمبر هيو، سندن زندگي جو هڪ هڪ لمحو جاکوڙ ۾ گذريو. اڪيلا آيا ۽ سڄي دنيا کي خدائي رنگ ۾ رنگي، هن فاني دنيا مان لاڏاڻو فرمايائون. جيڪي شخص، اڄ ان عظيم هادي برحق صلي الله جي امت ۾ شامل آهن، انهن تي لازم آهي تہ هو سنت رسول مطابق اسلامي انقلاب برپا ڪرڻ لاءِ جهاد جو رستو اختيار ڪن انقلابي اسلامي تحريڪ جا نشانات اهي آهن جيڪي پاڻ هادي اعظم ﷺ جن متعين ڪيا آهن. ايمان، دعوت، آزمائش، هجرت ۽ جهاد. انهن نشانن کان هٽڻ نہ صرف گمراهي آهي، بلڪ اهڙن هٽندڙ شخصن کي ڪڏهن بہ هدايت نہ ملندي نہ وري اهي منزل ماڻي سگهندا. (وَالسَّلَامُ عَلٰى مَنِ اتَّبَعَ الْهُدٰى)

قرآن ڪريم جي مطالعي ۽ تدبير ۾ اوهان کي جيڪي مشڪلاتون پيش اچن ٿيون اهي ايستائين اينديون رهنديون، جيستائين ان باري ۾ چند بنيادي اصول واضح نہ ٿي وڃن... مختصر طور تي هيئن ڪٺي سمجھو تہ پهرين صدي کان پوءِ قرآن ڪريم جي فهم ۽ تدبر جون ٻہ واٽون ٿي ويون. هڪ قرآني ۽ ٻي غير قرآني... غير قرآني طريقي مان مقصد اهي سيئي طريقا آهن، جيڪي قرآن مان نہ، بلڪ مفسرين قرآن جي ذوق ۽ فڪر مان پيدا ٿيا. انهن وضع (گهڙيل) علمن جي اشاعت، ايراني، رومي ۽ هندي تمدن کي نقل ڪرڻ ۽ عجمي قومن سان ميل ميلاپ جو قدرتي نتيجو هئي. مفسرن جي هر گروه قرآن جي مطلبن کي اهڙي شڪل ۽ نوعيت ۾ ڏٺو ۽ پيس ڪيو، جهڙي شڪل ۽ نوعيت جي فڪري حالت انهن جي اندر پيدا ٿي هئي. آهستي آهستي اها حالت ٿي وئي جو قرآن جا لفظ، ترڪيبون، انداز بيان، دليل ۽ حجتون، وعظ ۽ حڪم هڪ جدا نموني جي نوعيت اختيار ڪري ويا. قرآن جي تعليم ۽ بيان جو سمورو بنياد فطرت ۽ فطرتي سادگي تي آهي. علوم ۽ فنون جو سمورو بنياد علمي طرح ان جي گهاڙيٽي ۽ وري گهاڙيٽي جي تعلق ۽ ڪاوشن تي رکيل آهي. جنهن جو نتيجو هي نڪتو جو جيئن جيئن پڙهندڙن پاران گهاڙيٽي جي محويت وڌندي وئي تيئن تيئن فطرت جي ذوق ۽ فهم جي لياقت گهٽ ٿيندي وئي. ايستائين جو اهڙو زمانو اچي ويو جنهن ۾ ماڻهو جو دماغ ايتريقدر هيئتي طريقي جي بحث جو عادي ٿي ويو، جو ڪنهن اهم ۽ عظيم ڳالھ کي سادي ۽ سولي صورت ۾ ڏسي نٿي سگهيو. مقدمن رکڻ جي طريقي جو سمورو بنياد گهاڙيل علمن جي فطري تقاضائن تي هوندو آهي. اهي اصول ڪنهن بہ حال ۾ حقيقي نہ آهن ۽ نہ هر زماني جو علمي استعداد يڪسان طور تي ان جو اعتراف ڪري سگهي ٿو. هي ممڪن اهي تہ ڪالھ جيڪا ڳالھ بنيادي اصول ڪري سمجهي ويندي هئي، اڄ ڪمزور دليل ٿي پوي، جنهن جو ماڻهو مذاق ڪن. ايمان جو بنياد اهڙن بدلجندڙ ۽ غير مستقل اصولن تي ٿي نٿو سگهي.

(آثار ابوالڪلام آزاد مان ورتل)

# تقليد ۽ اجتهاد

انساني ذهن جا ٻه قسم آهي: تقليدي ۽ اجتهادي. تقليدي ذهن ۽ اجتهادي ذهن جي فرق کي سادي نموني هيئن بيان ڪري سگهجي ٿو ته تقليدي ذهن مان مراد بند ذهن آهي ۽ اجتهادي ذهن مان مراد کليل ذهن. تقليدي انسان جو ذهني سفر هڪ حد تي پهچي رڪجي ويندو آهي. ان جي ابتڙ اجتهادي انسان جو ذهني سفر لڳاتار اڳتي وڌندو رهندو آهي. اهو موت کان اڳ ڪڏهن به ختم ناهي ٿيندو. ان فرق کي هن مثال مان سمجهو:

شيڪسپيئر انگريزي ٻوليءَ جو تمام وڏو اديب آهي. سندس وفات ١٦١٦ع ۾ ٿي، ٻيو ان کان پوءِ جي زماني جو اديب جارج برنارڊ شا آهي، جنهن جي پيدائش ١٨٥٦ع ۾ ٿي. عملي زماني جي لحاظ کان ٻنهي جي وچ ۾ تقريبا ٽن سئو سالن جو فاصلو آهي. برنارڊ شا جو مقام انگريزي ادب جي تاريخ ۾ شيڪسپيئر کان گهٽ آهي. برنارڊ شا ان جو ذڪر ڪندي چيو ته: ”منهنجو قد جيتوڻيڪ شيڪسپيئر کان ننڍو اهي پر مان شيڪسپيئر جي ڪلهن تي بيٺل آهيان.“

هيءُ جملو مجتهدانه طرزِ فڪر جو هڪ مثال آهي. ان طرز فڪر مان سوچ جي بلندي، حوصلو ۽ همت پيدا ٿيندي آهي، جنهن معاشري جي ماڻهن ۾ اهو مزاج هجي تنهن جي ذهني ارتقا جو سفر بنا ڪنهن رڪاوٽ جي جاري رهندو. هر نئين ٿهي پوئين ماڻهن جي عملي سرمايي ۾ واڌارو آڻيندي ۽ ان کي وڏيڪ ترقي وٺرائي ايندڙ نسل تائين پهچائيندي رهندي.

**موجوده مسلم معاشرو**

هيئنر مسلم معاشري کي وٺو. هاڻوڪي دؤر ۾ مسلمانن اندر ذهني ارتقا جو عمل تقريباً بيهي ويو آهي. ان جو سبب هيءُ آهي ته انهن جي اندر مقلدانه طرز فڪر جو رواج پئجي ويو آهي ۽ مجتهدانه طرز فڪر جو ائين خاتمو ٿي چڪو آهي، جڻ اها ڪا برائي هجي ۽ جنهن کي ڇڏڻ ئي بهتر هجي. عام طور تي ماڻهن جو ذهن اهو ٺهي ويو آهي ته علم ۽ تحقيق جو سمورو ڪم علماءِ سلف ڪري چڪا آهن. تنهن ڪري هيئنر اسان جي ڪرڻ جو ڪم فقط هيءُ آهي ته اسان سندن ڪتابن کي پڙهون ۽ انهن جي پيروي ڪريون. پر ان قسم جي سوچ، فڪري ترقيءَ لاءِ هڪ مستقل رڪاوٽ آهي. ان معاملي ۾ مسلمانن لاءِ طرز فڪر جون ٻه صورتون ٿي سگهن ٿيون. اهي ٻئي صورتون هيئيون آهن:

- منهنجو قد اسلاف کان ننڍو آهي، پر مان اسلاف جي ڪلهن تي بيٺو آهيان.
- منهنجو قد اسلاف کان ننڍو آهي، تنهن ڪري اسلاف جي پيرن ۾ پيو آهيان.

ان ورڇ مطابق پهريون طرز فڪر مجتهدانه آهي. اهو مسلمانن جي عملي ۽ ذهني سفر کي لڳاتار ترقيءَ ڏانهن وٺي ويندڙ آهي. جنهن گروهه اندر اها فڪري روايت هجي، ان جو هر ايندڙ نسل پنهنجي پوئين نسل جو مڪمل احترام ڪندي ان جي ترقيءَ کي ڏاڪي جي طور استعمال



ڪندو. اهڙيءَ ريت هر ايندڙ نسل پنهنجي پوئين نسل مان فائدو وٺندي اڳتي وڌندو رهندو.

ان جي ڀيٽ ۾ ٻيو طرز فڪر مقلدانه آهي. اهو مسلمانن جي ذهني سفر کي هڪ حد تائين روڪي ڇڏيندڙ آهي. ان طرز فڪر جا هڪ ئي وقت ٻه نقصان ٿيندا. هڪ هي ته اهڙا ماڻهو اسلام جي اعليٰ فڪري درجن کان محروم ٿي ويندا. هو وڌندڙ معرفت ۽ اوسر کان واقف ٿي نه سگهندا. ان جو ٻيو نقصان هيءُ ٿيندو ته هو عملي ۽ فڪري ميدان ۾ ٻين قومن کان پوئتي هجي ويندا. انسانيت جي روان دوان قافلي ۾ هو راهه جي دز بڻجي رهجي ويندا. اهو تقليدي طرز فڪر بلڪل اهوئي آهي، جنهن کي جاهلي واري دؤر جي مشهور شاعر عنتره بن اشداد العسبي (وفات ٤١٥ هه) پنهنجي شعر ۾ هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

هل غادر الشعراء من متردم

ان جو مطلب هيءُ آهي ته گذريل شاعرن ڇا ڪا جاءِ پيوند لڳائڻ لاءِ ڇڏي آهي؟ يعني هو سڀ ڪجهه چئي ويا آهن، هيئنر ڪنهن شاعر لاءِ ڪا به شيءِ باقي نه رهي آهي جو هو ان ۾ ڪجهه واڌارو ڪري سگهي.

ادب جي دنيا جو هيءُ طرز فڪر جڏهن مذهب ۾ داخل ٿي وڃي ته ان کي تقليدي فڪر چيو ويندو آهي ۽ ان قسم جو تقليدي فڪر ذهني ترقيءَ لاءِ زهر قاتل جي حيثيت رکي ٿو. اهو ماڻهن کي ذهني جمود ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ذهني جمودَ کان وڌيڪ هاڃيڪار ٻي ڪا به شيءِ ڪنهن فرد يا گروهه لاءِ ناهي.

**اجتهادي عمل جي اهميت**

اجتهاد رڳو ڪو ذهني مشغلو ڪونهي پر اجتهاد مسلمانن جي هڪ اهم ترين ضرورت آهي. اجتهادي عمل جي ذريعي اهل اسلام هر دؤر ۾ پنهنجي ديني حيثيت کي نئين سر قائم ڪندا رهندا آهن. هو بدلجندڙ حالتن ۾ اسلام کي ٻيهر موافق بڻائي هيءُ ثابت ڪندا آهن ته اسلام هڪ ابدي مذهب آهي. اهو هر ايندڙ زماني ۾ ايترو ئي مناسب (Relevent) آهي، جيترو قديم زماني ۾. جڻ ته اجتهاد جو عمل اسلامي فڪر کي مسلسل طور تي وقت پٽاندر (Update) بنائڻ جو هڪ ذريعو آهي.

**اجتهاد ڇا آهي؟**

اجتهاد مان مراد آزادانه راءِ قائم ڪرڻ نه آهي. اجتهاد مان مراد هيءُ آهي ته قرآن ۽ سنت کي اسلام جا اصل سر چشما (Sources) سمجهي، انهن تي غور ڪري قياسي يا استنباطي طور تي شريعت جا نوان احڪام معلوم ڪرڻ. حقيقت هيءُ آهي ته اجتهاد به تقليد جو ئي هڪ قسم آهي. عام مقلد فقيهن جي تقليد ڪندو آهي ۽ مجتهد اهو آهي، جيڪو خدا ۽ رسول جي تقليد ڪري ۽ قرآن ۽ حديث جي نصن تي غور ڪري سڌو سنئون احڪام جو استنباط ڪري.

اجتهاد مان مراد اهو ئي فڪري عمل آهي، جنهن کي قرآن ۾ استنباط (النساءِ: ٨٣) چيو ويو آهي. فقيهن جي اصطلاح ۾ انهيءَ جو نالو ”قياس“ آهي. ٻين لفظن ۾ ان ڳالهه کي هيئن بيان ڪري سگهجي ٿو ته اجتهاد مان مراد اڻ سڌيءَ طرح احڪام حاصل ڪرڻ آهي. جڏهن سڌيءَ طرح احڪامن حاصل ڪرڻ جي صورت بظاهر موجود نه هجي.

استنباط جو لفظ ”نبط“ مان ورتل آهي. نبط جي لفظي معنيٰ آهي زمين جي اندران پاڻي جو ڪيڻ. ”استنباط الفقيه“ يعني فقيه قرآن ۽ حديث ۾ غور ڪري ان جي لڪل معنيٰ کي ڪيڻ. مفسر القرطبي لکيو آهي: ”الاستنباط فى اللغة، الاستخراج وهو يدل على الاجتهاد اذا عدم النص والاجماع“ (الجامع الاحكام القرآن ٥/٢٩٢) يعني استنباط جي معنيٰ استخراج جي آهي. ان جو مطلب آهي نص ۽ اجماع جي غير موجودگيءَ ۾ اجتهاد ڪري شريعت جو حڪم معلوم ڪرڻ.

اسلام جي فقيهن ٻي صدي هجريءَ ۾ اجتهاد جو اهو ئي ڪم ڪيو. عباسي خلافت جي زماني ۾ ڪثرت سان نوان مسئلا پيدا ٿيا. انهن مسئلن جو سڌو سنئون يا منصوص جواب بظاهر قرآن ۽ سنت ۾ موجود نه هيو. ان وقت فقيهن اجتهاد جي ذريعي ان مسئلي کي حل ڪيو. انهن قرآن ۽ سنت جي نصن مان قياس يا استنباط جي ذريعي نئين حالتن ۾ پنهنجي لاءِ شرعي رهنمائي ماڻي ورتي. تاريخ ۾ ان جو سفر ڪنهن رڪاوٽ کان سواءِ لڳاتار جاري رهيو.

پر ٻين ۽ ٽين صدي هجريءَ کان پوءِ مسلمانن ۾ ڪن سببن ڪري هڪ غلط تصور قائم ٿي ويو، اهو هيءُ هو ته قرآن ۽ سنت مان سڌي سئين طور تي جيڪو اجتهاد يا استنباط ڪرڻو هو اهو ان ابتدائي دؤر جي فقيهن تڪميلي طور تي انجام ڏئي ڇڏيو آهي. هينئر لاءِ سڌو سنئون نصن مان احڪام حاصل ڪرڻ جي ضرورت ناهي. بعد جي مسلمانن لاءِ ڪرڻ جو جيڪو ڪم رهيو، اهو هيءُ هئو ته هو انهن فقيهن جي ڪتابن کي پڙهن ۽ انهن تي غور ڪري بعد جي زمانن لاءِ شرعي احڪام معلوم ڪندا رهن. اهڙيءَ طرح اسلام جي عملي تاريخ ۾ عباسي دؤر جي فقيهن کي مجتهد مطلق جو درجو ملي ويو ۽ بعد جي دؤر جي فقيهن کي فقط مجتهد مقيد جو. پهرئين دور جي فقيهن جو اجتهاد قرآن ۽ سنت تي مبني هوندو هو، پر بعد جي علماءِ لاءِ اجتهاد جو مطلب فقط هيءُ وڃي رهيو ته هو پهرئين دؤر جي فقيهن جي دائري ۾ محدود رهندي پنهنجي لاءِ شرعي احڪامن جو تعين ڪن.

**فڪري الميو**

اهوئي اهو مقام آهي، جتان مسلمانن لاءِ فڪري الميي جي شروعات ٿئي ٿي. ان فڪري مؤقف مسلمانن کي هڪ بيٺل قافلو بڻائي ڇڏيو. امير شڪيب ارسلان (وفات ١٩٤٦ع) پنهنجي ڪتاب ”لماذا تاخر المسلمون و تقدم غيرهم“ ۾ جيڪو بحث ڇيڙيو هو، ان جو اصل جواب هيءُ آهي ته نئين زماني ۾ مسلمانن جي پسپائيءَ جو واحد سبب اهو هو ته منجهن اجتهاد جو عمل بيهجي ويو هو.

اجتهاد ڪو اختياري عمل ڪونهي. اهو هڪ اڻ ٽر فطري عمل آهي. ائين ڪونهي ته اجتهاد توڙي ڪيو وڃي يا نه ڪيو وڃي، حقيقت هيءُ آهي ته اجتهاد جي عمل کي روڪڻ ڄڻ فطرت جي عمل کي روڪڻ آهي ۽ فطرت جي عمل کي روڪڻ فقط ان قيمت تي ٿيندو آهي ته خود روڪيندڙ پنهنجي ترقيءَ جي سفر کي ختم ڪري ڇڏي.

درياءَ جي زندگي ان جي رواني‌ءَ ۾ آهي. درياءَ جي وهندڙ پاڻيءَ کي جيڪڏهن روڪي ڇڏجي ته ان ڪانپوءِ اهو درياءُ نه رهندو بلڪ اهو هڪ ڍيبل تلاءَ ۾ تبديل ٿي ويندو. اهڙي طرح ڪو گروهه جيڪڏهن پنهنجي اندر اجتهاد جو عمل روڪي ڇڏيندو ته منجهنس اهڙو جمود پيدا ٿيندو جيڪو سندس لاءِ هر قسم جي، مذهبي توڙي روحاني ترقيءَ کي ناممڪن بڻائي ڇڏيندو.



**فقه جي تدوين اقتداري دؤر ۾**

هن حادثي جي پاڙ هيءَ آهي ته اسان جو هاڻوڪو فقه عباسي خلافت جي دؤر ۾ سِهيڙيو ويو. هيءُ اهو زمانو هو، جڏهن مسلمانن کي عالمي دٻدٻو حاصل هو. ڪين دنيا ۾ سڀ کان وڏي سياسي طاقت جي حيثيت حاصل ٿي وئي هئي. ان صورتحال کي هڪ شاعر پنهنجن هنن لفظن ۾ نظم ڪيو آهي:

ہمیں چھائے ہوئے شرق سے تا غرب دنیا میں
نہ تھا پلہّ کسی ملت کا دنیا میں گراں ہم سے

موجوده فقه انهيءَ حاڪمانه دؤر ۾ سهيڙيو ويو . ان جو قدرتي نتيجو هيءُ نڪتو ته ان دؤر جو مزاج ان ۾ داخل ٿي ويو. هيءُ سهيڙيل فقه هڪ قسم جو حاڪمانه فقہ بڻجي ويو.

**موجوده فقه ڪافي ناهي**

ٻين ۽ ٽين صدي هجريءَ ۾ جيڪو فقه سهيڙيو ويو، ان بابت بعد ۾ مسلمانن جو عام عقيدو هيءُ ٿي ويو ته هيءُ هڪ مڪمل فقه آهي ۽ انساني زندگيءَ بابت قرآن ۽ حديث جي سموري تعليمات مفصل ۽ مڪمل طور تي ان ۾ شامل آهي. هيءُ عقيدو ان نظريي کي حق بجانب ثابت ڪندو هو ته فقه جي تدوين کان پوءِ هينئر اجتهاد جو دروازو بند ٿي چڪو آهي. هينئر فقط مقيد اجتهاد يا مقلدانه اجتهاد جو دروازو مسلمانن لاءِ کليل آهي.

اهو عقيدو قديم دؤر ۾ بظاهر درست هيو، پر جڏهن حالتون بدليون، خاص طور تي جڏهن روايتي دؤر ختم ٿيو ۽ جديد سائنسي دؤر آيو ته هيءُ عقيدو مسلمانن لاءِ سخت نقصانڪار ثابت ٿيو. مسلمان پنهنجي تصور مطابق فقه کي مڪمل قانوني نظام سمجهي ويٺا هئا. سندن خيال هو ته ڪين پنهنجن مسئلن لاءِ سهيڙيل فقه کان ٻاهر ڏسڻ جي ضرورت ناهي. تنهن ڪري جديد دؤر جا مسلمان تمام گهڻين قيمتي هدايتن کان محروم ٿي ويا جيڪو قرآن ۽ سنت ۾ ته موجود هيون، پر فقہ ۾ ان کي جڳهه نه ملي هئي. ڪجهه مثالن مان ان معاملي جي وضاحت ٿئي ٿي.

موجوده دؤر ۾ جيڪو سياسي انقلاب آيو، ان جي نتيجي ۾ هڪ نئون سياسي نظام پيدا ٿيو جنهن کي جمهوريت (Democracy) چئجي ٿو. اسان جو موجوده فقه ان کان اڳ بادشاهت جي دؤر ۾ ٺهيو هو، تنهن ڪري ان ۾ جديد جمهوريت جو ڪو به تصور شامل نه هيو، جنهن ڪري فقه جي ڍانچي ۾ سوچيندڙ ان جي اهميت کي نه سمجهي سگهيا. ڪنهن ان کي لاديني نظام قرار ڏيئي حرام ٻڌايو، ڪنهن ان کي فقط ”مٽي ڳٽپ“ سمجهيو، پر اصل حقيقت هيءَ آهي ته جمهوريت مسلمانن لاءِ هڪ سياسي نعمت جي حيثيت رکندي هئي. قديم بادشاهت جي ابتڙ جمهوريت ”اقتدار ۾ شرڪت“ (Power Sharing) جي اصول تي مبني آهي. جمهوري نظام مسلمانن کي هيءُ موقعو ڏئي ٿو ته سهٽي تدبير سان هر ملڪ ۾ سياسي نفوذ حاصل ڪري سگهن، پر مسلمان اجتهادي طرز فڪر کان محروميءَ ڪري ائين ڪري نه سگهيا. سندن مقلدانه ذهن هيءُ ته سوچيو ته آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ خلافت قائم ڪرڻ جي تحريڪ هلائين، ۽ ڪيلي فورنيا کي خيلي فورنيا ۾ تبديل ڪرڻ جو کل جوڳو خواب ڏسن، پر سندن سمجهه ۾

هيءَ ڳالھ نہ اچي سگهي تہ هو اقتدار ۾ شرڪت جي جديد اصول کي استعمال ڪري آمريڪا ۾ پنهنجي سياسي جڳھ حاصل ڪن.

موجوده زماني ۾ مسلم فڪر جي پسماندگيءَ جو سبب هيءُ هيو تہ انهن مجتهدانہ طرز فڪر، يعني لفظن ۾ مدون فقھ کان ٻاهر اچي سڌو سنئون قرآن ۽ حديث مان رهنمائي وٺڻ جو دروازو پنهنجي مٿان بند ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن اهو فڪري حادثو پيش نہ اچي ها ۽ هو ڪليل ذهن سان قرآن ۾ تدبر ڪن ها تہ کين معلوم ٿئي ها تہ قرآن ان معاملي ۾ کين واضح رهنمائي ڏيئي رهيو آهي.

هيءَ رهنمائي قران جي سورة نمبر ١٢ ۾ موجود آهي. ان ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ الله جو پيغمبر حضرت يوسفؑ جي زماني ۾ مصر ۾ هڪ بادشاھ حڪومت ڪندو هو. ڪنهن سبب هو ان لاءِ راضي ٿي ويو تہ حضرت يوسف کي پنهنجي سياسي نظام ۾ هڪ با اختيار شريڪ جي حيثيت سان شامل ڪري. حضرت يوسفؑ پنهنجي همعصر بادشاھ جي ان پيشڪش تي راضي ٿي ويو ۽ سندس سياسي نظام ۾ هڪ حڪومتي عهدو قبول ڪري ورتائين. هيءُ عهدو بظاهر بادشاھ جي ماتحت وزيرِ خوراڪ ۽ زراعت جو هو، پر عملي طرح اهو نائب سلطنت جو عهدو رهيو. ڇاڪاڻ تہ قديم زراعتي دؤر ۾ ڪنهن ملڪ جون سموريون اقتصادي ۽ غير اقتصادي سرگرميون زراعت تي مبني هونديون هيون. ان لحاظ کان حضرت يوسفؑ کي جيڪو عهدو مليو، اهو ڄڻ تہ ملڪ جي سڀ کان وڏي ڪليدي عهدي جي حيثيت رکندو هو.

جديد دؤر جا مسلمان جيڪڏهن فقهي تقليد مان نڪري سڌو سئون قرآن تي مجتهدانہ غور فڪر ڪن ها تہ ڄاڻي وٺن ها تہ قرآن ۾ حضرت يوسف جو ڄاڻايل واقعو سندن لاءِ هڪ عظيم، پيغمبرانہ مثال هيو. اهو کين هيءَ رهنمائي ڏئي ٿو تہ هو جمهوريت جي نئين دؤر ۾، اقتدار ۾ شرڪت جي اصول کي پنهنجي حق ۾ استعمال ڪن ۽ هيءُ يقين رکن تہ ان جو ائين ڪرڻ پيغمبرانہ اسوہ جي عين مطابق آهي.

### تقليدي نظر ۽ اجتهادي نظر جو فرق

مولانا سيد حسين احمد مدني (وفات ١٩٥٧ع) لکيو هو تہ: "تاريخ ٻڌائي ٿي تہ هند ۾ جڏهن مسلمان آيا تہ عام طور تي هتان جا رهواسي ٻڌ مذهب رکندا هئا ۽ ڇوت ڇات تہ پري رهي، وهانءَ شادي بہ خوشيءَ سان هڪٻئي سان ڪندا هئا. ان جو نتيجو هيءُ نڪتو تہ ميل ميلاپ نهايت سگهارو اثر ڇڏيو. خاندانن جا خاندان مسلمان ٿي ويا. ان کان پوءِ جڏهن محمود غزنوي جو زمانو آيو تہ هندن ۾ مختلف سببن ڪري اشتعال پيدا ٿئي ٿو ۽ شنڪر آچاريہ ماڻهن کي ٻڌ مذهب مان ڪڍي، برهمڻي مذهب کي اختيار ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو ۽ پوءِ برهمڻي مذهب سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويندو آهي. برهمڻ ڇاڪاڻ تہ ڏسي رهيا هئا تہ اسلام جو سيلاب ميل ميلاپ سبب سندن مذهب کي مٽائي رهيو آهي، تنهن ڪري انهن عوام ۾ نفرت جي پروپيگنڊا پکيڙيندي مسلمانن کي "مليڇ" چيو. اڪبر ان تفريقي خيال ۽ عقيدي کي پاڙئون پٽڻ گهريو. جيڪڏهن اڪبر جي جاري ڪيل پاليسي جاري رهي ها تہ ضرور برهمڻن جي هيءَ چال دفن ٿي وڃي ها ۽ اسلام جا متوالا اڄ هندستان ۾ اڪثريت ۾ هجن ها. اڪبر عام هندو ذهنيت ۽ نفرت کي اندران ئي اندران کوکلو ڪري ڇڏيو هو. اڪبر (پنهنجي حڪمت عمليءَ



سبب) نفس دين اسلامي روايتن سان لاڳاپيل ڪجھ غلطيون پڻ ڪيون جنهن ڪري مسلمان طبقي ۾ ان جي خلاف بدظني پکڙجي وئي. جيتوڻيڪ گهڻا بدظني ڦهلائيندڙ غافل ۽ گهٽ سمجھ رکندڙ هئا. جيئن معلوم آهي تہ صلح حديبيہ ئي مڪي جي فتح ۽ عرب جي فتح جو پيش خيمو آهي. جنهن ڏينهن صلح حديبيہ پوري ٿي، انهيءَ ڏينهن "انا فتحنا لك فتحا مبينا" جي آيت نازل ٿي. پاڻ ۾ ميل ميلاپ، نفرت ۾ ڪمي اچڻ، مسلمانن جي اخلاق ۽ سندن تعليمات جو معائنو ڪرڻ، دلين مان هٺ ۽ ضد ختم ٿيڻ وغيره، اهي ئي ڳالهيون هيون، جن قريش کي ڇڪي ڇڪي صلح حديبيہ کان پوءِ مسلمان بڻائيندي مڪي کان مديني پهچايو. مطلب تہ ميل ميلاپ نفرت جي خاتمي جو سبب آهي ۽ اهو قومن کي اسلام ڏانهن آڻڻ وارو آهي ۽ نفرت ضد جو سبب ۽ عدم اطلاع علي المحاسن آهي ۽ اهو اسلامي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ آهي. ڇاڪاڻ تہ اسلام تبليغي مذهب آهي، تنهن ڪري ان جو فرض آهي تہ جيتريقدر ٿي سگهي، ڏارئي کي پاڻ ۾ شامل ڪري، نڪي ان کي دور ڪري. تنهن ڪري جيڪڏهن پاڙيسري اسان سان نفرت ڪن تہ اسان کي ساڻن نفرت ڪرڻ نہ گهرجي. جيڪڏهن هو اسان کي ناپاڪ ۽ مليڇ چون تہ اسان کي کين ائين نہ چوڻ گهرجي. هو اسان سان ظالمانہ ورتاءُ ڪن تہ اسان کي ساڻن ظالمانہ ۽ غير منصفانہ ورتاءُ نہ ڪرڻ گهرجي." (مڪتوبات شيخ الاسلام، حصو پهريون، مڪتوب نمبر٦٣، ڇاپو مڪتبہ دينيہ ديوبند. ص – ١٤١ – ١٤٦)

مولانا حسين احمد مدنيءَ جي هن بيان تي غور ڪيو. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ مقلدانہ نظر ڪيئن شين کي فقط سندن ظاهر (Face Value) تي وٺندي آهي ۽ مجتهدانہ نظر ڪيئن لڪل حقيقتن تائين پهچي ويندي آهي. مغل بادشاھ اڪبر جيتوڻيڪ گهڻو تعليم يافتہ نہ هيو، پر هو بي حد ذهين هو. هُن هِن راز کي سمجهي ورتو تہ اسلام پنهنجي فطري ڪشش سبب هر انسان کي اپيل ڪندو آهي. شرط فقط هيءُ آهي تہ ماڻهن جي وچ ۾ ضد ۽ نفرت جي فضا نہ هجي. هن وڌيڪ ان حقيقت کي سمجهيو تہ برهمڻ، هندن ۽ مسلمانن ۾ دوري پيدا ڪري اسلام جي پرچار کي مصنوعي طور تي روڪي ڇڏيو آهي. ان دريافت سبب اڪبر هيءُ ڪيو تہ ڪجھ بي ضرر هندو رسمن کي پنهنجي دربار ۾ رائج ڪري ڇڏيو. اڪبرجي هيءَ روش هندو مذهب کي اپنائڻ لاءِ نہ هئي، پر اها فقط دل وٺڻ لاءِ هئي. ان جو اصل مقصد اسلام جي پرچار ۾ پيدا ٿيندڙ رڪاوٽن کي دور ڪرڻ هيو.

پر اڪبر جا همعصر عالم ان راز کي سمجهي نہ سگهيا. سندن نظر فقط اڪبر جي گيڙوءَ ڪپڙي کي ڏسي سگهي. اڪبر جنهن گهري پاليسيءَ تحت وقتي طور تي گيڙوءَ ڪپڙي کي اختيار ڪيو هو، ان حڪمت کي سمجهڻ کان هو قاصر رهيا. انهن هن جي خلاف ايترو طوفان مچايو، جو سندس منصوبو پنهنجي تڪميل تي پهچڻ کان اڳ ئي ختم ٿي ويو. ان معاملي کي غلط رنگ ڏيڻ جو نتيجو هيءُ نڪتو جو هندستاني تاريخ جو سفر اسلام جي موافقت ۾ جاري ٿيڻ بدران اسلام جي خلاف جاري ٿي ويو. مولانا سيد حسين احمد مدني ان معاملي تي جيڪو تبصرو ڪيو آهي، اهو مجتهدانہ نظر جو هڪ واضح مثال آهي. هو پنهنجي مجتهدانہ بصيرت سبب هن راز کي دريافت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا تہ معتدل حالتن ۾ مسلمانن ۽ غير مسلمانن جي وچ ۾ ميل ميلاپ هميشہ اسلام جي اشاعت جي صورت ۾ ظاهر ٿيو . ڇري ۽ گدري جي وچ ۾ جيڪڏهن ٽڪراءُ هجي تہ فتح هميشہ ڇريءَ کي ئي ٿيندي. پوءِ ڇريءَ کي گدري مٿان رکيو

وچي يا گدري جي هيٺان، ايستائين جو ان وقت بہ گدري کي ئي نقصان رسندو آهي، جڏهن چريءَ بظاهر پنهنجو پاڻ کي گدري جي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو هجي.

## صحيح معيار ۽ غلط معيار

مقلدانہ فڪر جا تمام گهڻا نقصان آهن. انهن ۾ شايد سڀ کان وڏو نقصان هيءُ آهي تہ اهڙا ماڻهو حق کي خود حق سان نٿا سڃاڻن، پر هو ان کي ماڻهن جي نسبت سان سڃاڻن ٿا. اهڙن ماڻهن جو سڀ کان وڏو مرجع سندن مفروضہ بزرگ بڻجي ويندا آهن. هي مفروضہ بزرگ جنهن شيءِ کي حق ٻڌائين ان کي هو حق مڃين ٿا. ڪو بہ شخص جيڪو سندن مفروضہ بزرگن جي فهرست ۾ شامل نہ هجي، اهي جيتوڻيڪ ڪيترن ۽ گهڻن دليلن سان ڪنهن ڳالهہ کي ڇو نہ پيش ڪري، هو ان کي مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن جي اندر هيءَ صلاحيت ئي نہ هوندي آهي تہ هو دليل جي ذريعي ڪنهن شيءِ کي سڃاڻن ۽ ان کي اختيار ڪن.

اهو ئي واحد سڀ کان وڏو سبب آهي، جنهن ڪري هر دؤر ۾ پيغمبرن جو انڪار ڪيو ويو. پيغمبر پنهنجن همعصرن کي هڪ نئون شخص ڏسڻ ۾ ايندو هو، جيڪو سندن مفروضہ بزرگن جي فهرست کان ٻاهر هو. تنهن ڪري هو پيغمبر کي سندس زندگيءَ ۾ لحاظ جوڳي شخص جو درجو نہ ڏيئي سگهيا. وڌيڪ هي تہ پيغمبر جڏهن سندن محبوب شخصيتن تي تنقيد ڪندو هو تہ هو ان سان ويتر وڌيڪ چڙڪي پوندا هئا ۽ ان جي پيغام تي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا هئا.

مقلدانہ ذهن ۽ مجتهدانہ ذهن ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم فرق هيءُ آهي تہ مقلدانہ ذهن رکندڙ ماڻهو، حق کي فقط پنهنجين شخصيتن جي حوالن سان سڃاڻن ٿا. ان جي ابتڙ مجتهدانہ ذهن رکندڙ ماڻهن ۾ هيءَ صفت هوندي آهي تہ هو حق کي خالص دليل جي زور تي سڃاڻن ۽ ان کي پوري آمادگيءَ سان اختيار ڪري سگهن.

انهيءَ فرق جو هي نتيجو آهي تہ مقلدانہ ذهن رکندڙ ماڻهو عين انهيءَ شيءِ کان محروم ٿي ويندا آهن، جنهن کي دين ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم حيثيت حاصل آهي. يعني ”معرفت وارو ايمان“. معرفت واري ايمان جو سرچشمو ذاتي دريافت (Self Discovery) آهي. مقلدانہ ذهن رکندڙ ماڻهو خود پنهنجي ذهن کي آزادانہ طور تي استعمال ئي نہ ڪندا آهن. تنهن ڪري هو معرفت واري اسلام کان واقف نہ ٿيندا آهن.

مجتهدانہ ذهن رکندڙن جو معاملو ان جي بلڪل ابتڙ آهي. اهڙن ماڻهن جي ذهن جون دريون هر وقت کليل رهنديون آهن. هو سدائين آزادانہ طور تي غور فڪر لاءِ تيار رهندا آهن. اهي هيءَ صلاحيت رکندا آهن، تہ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جو حق هجڻ ظاهر ٿئي. تہ هو فورا ان کي سڃاڻي وٺن ۽ ڪنهن جهجهڪ کان سواءِ ان کي مڃي وٺن.

موجوده دنيا ۾ ڪنهن انسان لاءِ سڀ کان وڏي شيءِ هيءَ آهي تہ هو حق کي دريافت ڪري. اهو احساس تہ مون سچائيءَ کي ماڻي ورتو آهي، بيشڪ هن دنيا جي سڀ کان وڏي نعمت آهي. پراها عظيم ترين نعمت فقط انهن ماڻهن کي ملندي آهي، جيڪي مجتهدانہ فڪر رکندڙ هجن. جيڪي مقلدانہ فڪر جي اونداهين ۾ گم هوندا، اهي ڪڏهن بہ معرفت جي سچائيءَ جو تجربو نٿا ڪري سگهن.

---



**سنڌيڪار: احمدالدين شر**

# اسلام ۾ علم ۽ عمل جي اهميت

اسلام ان وحي الاهي جو نالو آهي، جيڪا رحمت ڀري رسول عربي، حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ تي نازل ٿي. ان جو مقصد انساني زندگي جي مَهار کي سندس پالڻهار جي طرف ڦيرائڻ ۽ سڄي انسانيت کي سڌي واٽ وٺائڻ آهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ ڪجهہ حقيقتن کي نئين انداز سان پيش ڪرڻ جو نالو اسلام آهي.

هن ڳالهہ کي هيئن سمجهو تہ ڪنهن ماڻهوءَ وٽ ڪو اهڙو فلسفو يا سوچ هجي، جنهن لاءِ کيس پڪ هجي تہ انهيءَ مان جڳ جهان وارن کي اُپراسو ٿيندو ۽ هو پنهنجي انهيءَ فلسفي کي ماڻهن تائين ڪاميابي سان پهچائڻ بہ گهرندو هجي تہ اهڙيءَ صورت ۾ هو ڇا ڪندو؟ لازمي طور سندس طريقو هيءُ هوندو جو هو سڀ کان پهريان پنهنجي نظريي جي وضاحت ڪري ان کي پنهنجي مٿان لاڳو ڪندو. ان کان پوءِ هو ان جي سمجهاڻي جي لاءِ سڀئي حيلا وسيلا ڪتب آڻيندي ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ ان راهہ ۾ ايندڙ هر ڪَنڊي ڪِرڙي کي پري اڇلائي پنهنجو دڳ صاف ڪندو تہ جيئن ان طرف پهريون پيرو قدم رکڻ وارو ان رستي جي اهنجائي ڏسي پاسو ئي نہ مَٽائي وڃي.

وحي جي نازل ٿيڻ کان وٺي اسلام جي راهہ اها ئي رهي آهي:

اِقۡرَاۡ بِاسۡمِ رَبِّكَ الَّذِىۡ خَلَقَ ۚ ﴿۱﴾ خَلَقَ الۡاِنۡسَانَ مِنۡ عَلَقٍ ۚ ﴿۲﴾ اِقۡرَاۡ وَ رَبُّكَ الۡاَكۡرَمُ ۙ ﴿۳﴾
الَّذِىۡ عَلَّمَ بِالۡقَلَمِ ۙ ﴿۴﴾ عَلَّمَ الۡاِنۡسَانَ مَا لَمۡ يَعۡلَمۡ ؕ ﴿۵﴾ (العلق)

”پنهنجي پالڻهار جي نالي سان پڙهہ جنهن پيدا ڪيو آهي. انسان کي رت جي ڄميل ڍِڳ مان بنايو اٿس. پڙهہ، تنهنجو پاليندڙ وڏو سخي آهي. جنهن قلم سان (مفيد شين جو لکڻ) سيکاريو آهي. انسان کي اهو ڪجهہ سيکاريائين جنهن کي هو نہ ڄاڻندو هو.“

مٿين آيتن ۾ علم مان مطلب وحي ۽ ان جي نشر واشاعت ۽ حفاظت جو علم آهي. مادي نظرين ۾ پڻ ٻئي علم گڏوگڏ هلن ٿا. هڪ سائنسي علمن جو ڄاڻو، نشر و اشاعت جا اوزار ٺاهي پيش ڪري ٿو تہ وري هڪ سائنسدان انهن وسيلن کي ڪتب آڻيندي پنهنجي نظرين کي پڌرو ڪري سگهارو بنائي ٿو. اهڙي طرح معاشري اندر ٻئي پنهنجو پنهنجو فرض نڀائن ٿا ۽ ٻنهي جو علم هڪ ٻئي کي فائدو پهچائي ٿو. نادان مسلمانن کي هيءَ ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ديني ڄاڻ ڏيئي رهيو آهي ۽ ڪو ٻيو وري ان ڄاڻ کي گهڻن ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ ڪو سائنسي اوزار، مثلاً، لائوڊ اسپيڪر يا ريڊيو نشريات، يا وري ان کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ٽيپ رڪارڊر وغيره استعمال ڪري ٿو، تہ ٻئي ماڻهوءَ جي اهميت پهرين کان ڪنهن بہ طرح گهٽ نہ آهي، پر اڃا بہ وڌيڪ ٿي سگهي ٿي.

اسلام جي تعليم شروع کان وٺي مختلف بنيادي ۽ ان جي مددگار شاخن جي صورت ۾ ڦهليل رهي آهي. انهيءَ جي اندر نہ ديني علم زندگيءَ کان ڌور ۽ نہ وري شهري علم دين کان جدا هئو. علم جي ديني ۽ دنياوي نِکيڙ تہ تنزل ۽ پستيءَ جي پيداوار آهي.

ان ڳالھ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ اسلام جي علمي تحريڪ جي ظاهري شڪل شريعت جو علم هئو. يعني قرآن، حديث، فقہ ۽ تربيت ۽ اخلاقيات سان واسطو رکندڙ علم. قرآن ۽ سنت، جيڪي انساني سوچ ۽ فڪر جي ترقي ۽ حق ۽ سچ جي حاصلات لاءِ ذهني پختگي جا سرچشما آهن ۽ هڪ اعليٰ ۽ بيمثال انساني تهذيب جو بنياد آهن، تن جي حقيقت کان ڪو بہ باشعور ۽ عقلمند انسان انڪار نٿو ڪري سگهي. اهڙيءَ طرح ٻين علمن سان گڏوگڏ عربي ٻولي ۽ ادب کي بہ قرقي ملي ۽ پوءِ انساني علمن ۾ سندس زندگيءَ سان لاڳاپو رکندڙ علم بہ شامل ٿيندا ويا. انساني سوچ ۽ ويچار جي پختگي سان گڏوگڏ تجربن ۽ مشاهدن تي ٻڌل زندگي ۽ ڪائنات سان تعلق رکندڙ علم پڻ وجود ۾ آيا، جن ۾ رياضي، نباتات، حيوانات، فلڪيات، ڪيميا ۽ ٻئي ڪيترائي مفيد سائنسي علم اچي وڃن ٿا. مطلب تہ ڪجھ صديون اڳ تائين مسلمانن کي هر ميدان ۾ علمي ۽ صنعتي برتري حاصل رهي، جنهن صليبي حملن کي پسپا ڪري ڇڏيو.

محقق انهيءَ ڳالھ کي تسليم ڪن ٿا تہ سائنس ۽ مذهب جي وچ ۾ جنگ يورپ ۾ پيدا ٿي، جنهن کي ڪليسائن ڀڙڪايو هو. ڇو تہ انهن جو خيال هو تہ سائنسي رخ جي ڪاميابي اسلامي پيش قدمي جو اثر آهي. پر پوءِ حالتن پلٽو کاڌو ۽ مسلمانن جي زوال سان گڏوگڏ انهن جي علمي پيش قدمي بہ زوال جو شڪار ٿي وئي ۽ جتي ڪٿي جهالت پنهنجا پَرَ پکيڙي ڇڏيا. ڪيترن ئي ماڻهن جي سوچ اها وڃي رهي تہ علم صرف وَٹُ پچائڻ (استنجو)، وضو ۽ نماز جا حڪم سمجهي وٺڻ جو ئي نالو آهي ۽ ان کان سواءِ باقي ٻئي علم سکڻ بيڪار آهي. انهيءَ غلطيءَ جي ڪين ايڏي تہ ڳري قيمت ڀرڻي پئجي وئي جو بحر اوقيانوس (ائٽلانٽڪ وڏي سمنڊ) کان ويندي بحر الڪاهل (پئسفڪ وڏي سمنڊ) تائين جا سمورا علائقا ظالم قوتن جي هٿن ۾ رانديڪا بنجي ويا جن کي هنن پنهنجي ظالمانہ مقصدن ۾ استعمال ڪيو.

حيرت جي ڳالھ هيءَ آهي تہ اڄ دين سان وابستگي جا دعويدار ڪجھ نوجوان انهيءَ غلطيءَ کي سيني سان سانديون بيٺا آهن ۽ ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ داخل هئڻ جي باوجود بہ پنهنجي مضمون سان دلچسپي وٺڻ جي بدران چون ٿا تہ اسان تہ دين جو علم پڙهنداسين.

هاءِ افسوس! ڇا دين جو علم انهن علمن کان سواءِ قائم رهي سگهي ٿو جن کي توهان بيڪار سمجهي ويٺا آهيو؟ انهن ۾ ڪيترا تہ اهڙا بہ آهن جيڪي ڪامرس، ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ جي ڪاليجن ۾ ڪيترا ئي سال وڃائڻ کان پوءِ انهن کي ڇڏي ڪنهن ديني مدرسن ۾ هليا وڃن ٿا. اهڙي ئي هڪ شاگرد مونکي لکيو تہ: "مان الله تعاليٰ کان دعا ڪندو آهيان تہ مونکي حق ۽ سچ جي راھ ڏيکاري ۽ ڪنهن ديني مدرسي ۾ داخلا جي توفيق ڏئي، ڇو تہ مون امام شافعيؒ جو قول پڙهيو آهي تہ علم تہ حقيقت ۾ حديث جو ئي علم آهي باقي سڀ ڪجھ شيطاني خيال آهن. مهرباني ڪري، باقاعدي ديني تعليم حاصل ڪرڻ واري خواهش جي پورائي لاءِ منهنجي مدد ڪريو."

هاڻي انهيءَ شاگرد جي خيال موجب، جيڪڏهن امام شافعي جو قول صحيح روايت ڪيل آهي تہ بہ ان جو مطلب اهو ناهي جيڪو هن نوجوان سمجهيو آهي. اصل حقيقت هيءَ آهي تہ ان روايت جو مطلب آهي تہ عبادت جي معاملن ۾ ڪنهن جي شخصي راءِ کي ڪا بہ اهميت نٿي ڏئي



سگهجي. عبادتون تہ صرف اهي ئي قابل قبول آهن، جيڪي رسول الله ﷺ ڏانهن پڪي ثابتي سان منسوب هجن. ٻئي پاسي ڏٺو وڃي تہ عبادتي معاملا، مسلمانن جي اجتماعي زندگيءَ سان تعلق رکندڙ باقي ٻين معاملن نسبت سمند مان هڪ بوند جي حيثيت رکن ٿا. پوءِ باقي علمن ۾ روايتن جو کھڙو ۽ ڪيترو عمل دخل ٿي سگهي ٿو؟

ان کان پوءِ جڏهن ديني مدرسن ڏانهن نظر ڊوڙايون ٿا تہ انهن مان فارغ ٿيندڙ نوجوانن وٽان فقط مايوسي پلئہ پوي ٿي. ڪو صاحب تقرير ڪري رهيو هو ۽ سندس تقرير جو سڄو زور قبرن کي پڪي ڪرڻ خلاف رهيو. ڪنهن ڇيو تہ سائين هتي تہ ڪا پڪي قبر آهي ئي ڪونہ. اصل ۾ هن صاحب سکيو ئي فقط اهو موضوع هئو، پوءِ وڏيڪ ڪجھ ڄاڻي تہ بيان بہ ڪري!

پيرس ۾ هڪ مسجد جي افتتاح جي موقعي تہ يادگار فوٽو ورتا پئي ويا. اوچانڪ هڪ نوجوان ڀڙڪو ڏئي اٿيو، ڇي تصوير حرام آهي. ان کي ڪنهن ڇيو تہ هيءَ تنهنجي سوچ آهي، باقي گهڻا فقيہ تنهنجي ان سوچ جي خلاف آهن. تون پيرس جهڙي شهر ۾ رهي ڪري پنهنجي انهيءَ ڪوتاھ نظريءَ سان اسلامي دعوت کي ئي ٺپ ڪري ڇڏيندين. ڇا تون گهرين ٿو تہ تو جهڙن ٿورڙن ڪوتاھ نظر وارن جي ذاتي خيالن جي خاطر پوري دين کي قربان ڪري ڇڏجي؟

مان اڪثر سوچيندو آهيان تہ اسلام جي اها ڪيڏي نہ وڏي بدنصيبي آهي جو ان جي نمائندگي ڪرڻ وارا اهو بہ سمجهي نٿا سگهن تہ ڪهڙي علم سان دين جي خدمت ۽ وضاحت ڪري سگهجي ٿي. اهي ماڻهو ڪن روايتن ۽ پنهنجي سوچ سان ڇُهيو رهڻ کي ئي دين جي خدمت سمجهن ٿا. جڏهن حضرت سليمانؑ جي درٻار ۾ هڪ جن آڇ ڪئي تہ سندس درٻار برخواست ٿيڻ کان اڳي بلقيس جو تخت آڻي پيش ڪندو تہ:

قَالَ الَّذِىْ عِنْدَهٗ عِلْمٌ مِّنَ الْكِتٰبِ اَنَا اٰتِيْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّرْتَدَّ اِلَيْكَ طَرْفُكَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهُ مُسْتَقِرًّا عِنْدَهٗ قَالَ هٰذَا مِنْ فَضْلِ رَبِّىْ ۖ (النحل:٤٠)

"پر هڪڙي شخص جنهن کي ڪتاب جو ڪجھ علم هئو (تنهن) ڇيو تہ مان ان تخت کي اک ڇنڀڻ کان بہ اڳ تو وٽ آڻي سگهندس. پوءِ جڏهن (حضرت سليمانؑ) اهو تخت پنهنجي اڳيان ڏٺو تڏهن چيائين تہ هي منهنجي پالڻهار جو فضل آهي."

مسلمانن کي اڄ اهڙن ئي ماڻهن جي شديد گهرج آهي، جيڪي اهڙي ڪتاب جو علم رکندڙ هجن. ڪٿي ائين تہ ناهي تہ اهڙا ماڻهو آهن تہ سهي، پر انهن کي خوف آهي تہ هو پنهنجو علم صحيح طرح استعمال ڪري نہ سگهندا، انهيءَ ڪري هو يورپ ۽ آمريڪا ڏانهن هليا ويا آهن؟

الله تعاليٰ مسلمانن کي هڪ ٻئي سان ڀلائي ڪرڻ جو حڪم ڪري ٿو:

وَافْعَلُوا الْخَيْرَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ (الحج: ٧٧)

"۽ ڀلائي ڪريو تہ جيئن ڪاميابي ماڻيو."

وري پنهنجي سر ڀلائي ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻين کي بہ اها دعوت ڏيڻ جي ذمہ داري ڏني اٿس:

وَلْتَكُنْ مِنْكُمْ أُمَّةٌ يَدْعُونَ إِلَى الْخَيْرِ (آل عمران: ١٠٤)

"توهان ۾ هڪ جماعت اهڙي هئڻ گهرجي جيڪا نيڪيءَ جي راھ جي دعوت ڏيندڙ هجي."

هاڻي سوال آهي تہ ڇا نيڪيءَ جي فقط هڪ ئي شڪل باقي وڃي رهي آهي؟ ڇا روزي ۽ نماز ڪانسواءِ بيو ڪجهہ ڪتي؟ ٻي ڪنهن نيڪيءَ جو تصور يا وجود نظر نٿو اچي؟

ائين نہ آهي، جهڙي طرح بڇڙائيءَ جون بي شمار شڪليون آهن، بلڪل اهڙيءَ ئي طرح نيڪيءَ جون بہ بي شمار صورتون آهن. انهن جا رستا ۽ وسيلا بہ بيشمار آهن. جيڪو حڪم مقصدن جو آهي اهو ئي حڪم وسلين ۽ ذريعن سان بہ لاڳو ٿئي ٿو:

فَمَنْ آمَنَ وَأَصْلَحَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ ﴿٤٨﴾ وَالَّذِينَ كَذَّبُوا بِآيَاتِنَا يَمَسُّهُمُ الْعَذَابُ بِمَا كَانُوا يَفْسُقُونَ ﴿٤٩﴾ (الانعام)

”پوءِ جنهن بہ ايمان آندو ۽ پاڻ سڌاريائين تنهن جي لاءِ نڪي ڪنهن طرح جو انديشو هوندو نڪي ڪنهن طرح جو غم. مگر جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهي رد ڪيو تن کي سندن نافرماني ۽ بدعملن سببان عذاب وڪوڙي ويندو.“

قرآن پاڪ تہ حق جي تائيد لاءِ جنگي حرفت ۽ ڪاريگريءَ ۾ ترقي حاصل ڪرڻ کي بہ نيڪ عمل سڏي ٿو. حضرت دائودؑ جي باري ۾ اچي ٿو:

أَنِ اعْمَلْ سَابِغَاتٍ وَقَدِّرْ فِي السَّرْدِ وَاعْمَلُوا صَالِحًا إِنِّي بِمَا تَعْمَلُونَ بَصِيرٌ (سباء: ١١)

”(اسان حضرت دائود کي حڪم ڏنو تہ انهيءَ لوهہ مان) زرهون ٺاهہ ۽ زنجيردار زرهن جي ڪڙين کي پوري انداز تي بيهار ۽ (اي دائود جا ماڻهو) سٺو ڪم ڪيو، يقين رکو تہ جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا سو مان چڱي طرح ڏسان ٿو.“

اهو ئي سبب آهي جو الله تعاليٰ جي راهہ ۾ جهاد جي وقت، سر تي اچڻ واري هر مشڪل تي اجر ۽ ثواب جي خوشخبري ڏني وئي آهي. نبي ڪريم ﷺ نيڪيءَ جي اڻ ڳڻين صورتن جو بيان فرمائيندي، زال مڙس جي خوشگوار تعلق کي بہ صالح عمل سڏيو آهي. ڇو تہ انهيءَ ڪري گناهن کان بچاءُ ٿئي ٿو. تنهن ڪري اهڙي تعلق جي بدلي ۾ بہ الله تعاليٰ وٽان اجر ملي ٿو.

هر اهو عمل، جنهن سان انسانيت جو ڀلو ٿئي سو نج دين جو ئي حصو آهي ۽ يقينن اهڙي عمل سان دنيا ۽ آخرت ۾ انسان جو مان مٿاهون رهي ٿو.

(علامہ محمد غزالي جي ڪتاب: ”اسلام کے بارے میں 100 سوال“ تان ورتل)


تفسير الفرقان فی معارف القرآن

تصنيف لطيف حضرت مولانا خواجہ محمد عبدالحئ فاروقیؒ

تلميذ رشيد؛ امام انقلاب حضرت مولانا عبيد الله سندھیؒ

حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ

انقلابي تعليم ۽ انسانن جي ذاتي ۽ اجتماعي زندگيءَ ۾ تبديلين لاءِ قرآن حڪيم هو حڪيماڻو تفسير — چوندبہ سورتون — صفحا 912 هديو -/ 600 رپيا




مسٽر مسعود صاحب

## هارين جي مصيبتن جو حل قرآن جي روشني ۾

قرآن شريف جو حڪم زمين جي مالڪي بابت بلاشبہ ”هارپ“ (يعني اهي ڪاتيدار جي پنهنجي زمين پاڻ آباد ڪن) جي فائدي ۾ آهي. ان باري ۾ قرآن پاڪ جي حڪمن جي پيروي ڪن جزوي مثالن کان سواءِ اسلامي تاريخ ۾ بلڪل ڪانہ پئي ٿي آهي. سرمايہ دارن قرآن شريف جي حڪمن جي تاويل اهڙي نموني ۾ پئي ڪئي آهي، جنهن ۾ سندن ئي فائدو پئي رهيو آهي ۽ سندن تن پروري جي راهہ ۾ ڪو بہ اٽڪاءُ نہ پئي وڌو آهي. ڇاڪاڻ تہ اها تن پروري رسول الله ﷺ جي وفات کان پوءِ خلافت راشدہ جي سقوط بعد شروع ٿي وئي هئي.

اها تن پروري صدين کان هلندي ايتري حد کان ٻاهر نڪري وئي آهي، جو اسلام تي نقطہ چيني ڪندڙ، تن پروري کي ئي اسلام سمجهي رهيا آهن.

ڪميونسٽ انهن هاڻوڪين حالتن مان فائدو وٺي رهيا آهن ۽ انهيءَ ظالم سرشتہ (تن پروري) جي ستايلن ۽ ڪمزورن جي مذهبي عقيدن کي ڪميونزم جي لهر لوڏي رهي آهي. اهي ڪنگال آدمي کي چون ٿا تہ: ”توکي پنهنجو خدا بہ آهي، رسول بہ آهي ۽ قرآن بہ آهي. توکي پير، مولوي ۽ مسجدون بہ آهن، پر اهي سڀ تنهنجي بک ۽ سچائي جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪهڙي مدد ڪري سگهن ٿا؟ اهي توکي ترقي ڏياري معزز انسان جي قطار ۾ بيهارڻ لاءِ تنهنجي ڪهڙي رهبري ڪن ٿا؟ اسلامي مساوات (هڪ جهڙائي) محض دوکو آهي. اهو هڪ ڄار آهي جو توکي غلام ڪري رکڻ لاءِ وڇايو ويو آهي.“

هو اهي سڀ ڳالهيون سوسائٽي ۾ ٿيندڙ هزارين ظلمن جا مثال ڏئي ثابت ڪن ٿا. اهڙا بحث عام ماڻهن جي مذهبي عقيدن کي لوڏي رهيا آهن، جنهن ڪري ڪيترائي تشويش ۾ پئجي وڃن ٿا تہ ڇا سچ پچ اسلام سندن مڪيہ مسئلي، بک ۽ سچائي کي مٽائڻ جي قابل نہ آهي؟ جيئن اڄ ڪالهہ ساري دنيا ۾ مذهب کي ڪيترن ئي اقتصادي نقطن جي ڇولين سامهون ٽڪٽو پيو آهي، تيئن پاڪستان ۾ بہ اسلام کي ساڳين ئي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو آهي. اسلام بيشڪ سڀني اقتصادي خرابين جي مٽائڻ لاءِ رستو ڏيکاري ٿو، پر بدقسمتي سان مسلمانن ۾ ڪي خود غرض ۽ مطلبي ماڻهو اسلام جا سچا پچا اصول عمل ۾ آڻڻ جي واٽ ۾ رڪاوٽون وجهن ٿا. مسلمانن ۾ جيڪي سمجهو ۽ دورانديش آهن تن انهن خطرن کي پوري طرح محسوس ڪيو آهي تہ جيڪڏهن اسلام جي اصولن موجب عوام الناس جي بدحالي ۽ بک جو علاج نہ ڪيو ويو تہ پوءِ اسلام کي بہ ان تباهي جي سامهون ٽيڪڻو پوندو، جنهن تباهي رشيا جي مروجہ مذهب کي روسي انقلاب اچڻ بعد ناس ڪري ڇڏيو هو. جيڪڏهن مالي مسئلن ۾ ۽ خاص ڪري زمين جي باري ۾ اسلامي اقتصادي اصول رائج ڪرڻ ۾ اسين ڪٿاسون تہ پوءِ رڳو پاڪستان کي خطرو نہ آهي، پر خود اسلام جو وجود بہ لوڏن ۾ اچي ويندو.

قرآن شريف جو قانون ”زمينداري“ جي فائدي ۾ نہ آهي. قرآن شريف جي تعليم جو مول متو هي آهي تہ زمين صرف انهن ماڻهن ۾ مساوي طرح ورهائي وڃي، جيڪي پنهنجي هٿن سان

هر ڪاهيندڙ آهن. قرآن شريف زمين تي خانگي مالڪي جو حق تسليم نہ ٿو ڪري. ڇاڪاڻ تہ زمين الله تعاليٰ جي آهي. ۽ ان جي پاران اسٽيٽ (حڪومت) مالڪ ٿئي ٿي. قرآن شريف ۾ فرمايل آهي:

قَالَ مُوسَىٰ لِقَوْمِهِ اسْتَعِينُوا بِاللَّهِ وَاصْبِرُوا ۖ إِنَّ الْأَرْضَ لِلَّهِ يُورِثُهَا مَنْ يَشَاءُ مِنْ عِبَادِهِ ۖ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِينَ ﴿١٢٨﴾ (الاعراف)

”حضرت موسيٰ عليہ السلام پنهنجي قوم کي چيو تہ الله تعاليٰ کان مدد جا خواستگار ٿيو ۽ صبر ۽ استقلال سان ثابت قدم رهو. زمين الله جي ملڪيت آهي ۽ ان جي حڪومت پنهنجي ٻانهن مان جنهن کي وڻيس تنهن کي ڏي ٿو ۽ پرهيزگارن جي پڇاڙي بهتر آهي.“

هي پڻ قرآن شريف جو مکيہ اصول آهي تہ الله تبارڪ و تعاليٰ زمين سڀني ماڻهن جي ڀلي لاءِ خلقي آهي تہ هو ڀل ان مان ڦل ڪائين ۽ ٻي پئدائش مان نفعو حاصل ڪن. الله تعاليٰ پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

وَالْأَرْضَ وَضَعَهَا لِلْأَنَامِ ﴿١٠﴾ فِيهَا فَاكِهَةٌ وَالنَّخْلُ ذَاتُ الْأَكْمَامِ ﴿١١﴾ (الرحمٰن)

”الله تعاليٰ ئي آهي، جنهن زمين پنهنجن ٻانهن جي فائدي لاءِ فرش وانگر وڇائي آهي. ان ۾ ميوا پيدا ڪيا آهن. کجين جا درخت اپاريا آهن جي قسمين قسمين کجور پئدا ڪن ٿا.“

الله تعاليٰ سڀني جي روزي جي ضمانت پاڻ تي ڪنئي آهي جو هو خالق آهي. سڀ شيون جي ڌرتي تي موجود آهن سي پروردگار ساري انسان ذات جي ڀلي لاءِ خلقيون آهن:

وَمَا مِنْ دَابَّةٍ فِي الْأَرْضِ إِلَّا عَلَى اللَّهِ رِزْقُهَا وَيَعْلَمُ مُسْتَقَرَّهَا وَمُسْتَوْدَعَهَا ۚ كُلٌّ فِي كِتَابٍ مُبِينٍ (هود:٦)

”ڌرتي تي ڪابہ چرندڙ ساهہ دار شيءِ نہ آهي جنهن جو رزاق الله تعاليٰ جي ذمي نہ هجي.“

هُوَ الَّذِي خَلَقَ لَكُمْ مَا فِي الْأَرْضِ جَمِيعًا (البقرة:٢٩)

”اهو الله تعاليٰ ئي آهي، جنهن زمين تي جيڪي شيون موجود آهن، سي سڀ توهان سڀني جي لاءِ ئي خلقيون اهن.“

وَجَعَلَ فِيهَا رَوَاسِيَ مِنْ فَوْقِهَا وَبَارَكَ فِيهَا وَقَدَّرَ فِيهَا أَقْوَاتَهَا فِي أَرْبَعَةِ أَيَّامٍ (حٰم - سجده:١٠)

”زمين جا پئدائشي ذريعا سڀني ۾ انصاف سان ورهائڻا آهن، هن ڌرتي تي اتاهان جبل کڙا ڪيا، جي مضبوطي سان مٿس بيٺل آهن ۽ زمين تي پنهنجون برڪتون بخشيون ۽ ان مان پئدائش جا جيڪي ذريعا ٿيڻا هوا تن جو تخمينو چئن ڏينهن ۾ ڪيو ۽ اهي وسيلا سڀني گهرجائو آدمين ۾ انصاف سان ورهايا ويندا.“

انساني معاشري جا سڀئي فرد وڌ کان وڌ ڀلائي حاصل ڪرڻ لاءِ زمين ۾ مساوي طور شريڪ آهن ۽ اهڙي مالڪي يا زمين جو قبضو، جنهن ڪري نفعو ڪن چند ماڻهن کي حاصل ٿئي ۽ گهڻي حصي کي ان نفعي حاصل ڪرڻ کان محروم رکيو وڃي، سا مالڪي قرآني قانون جي ئي خلاف آهي.

ڪوبہ شخص مطلق مالڪي جا حق زمين تي رکي نہ ٿو سگهي، تنهن ڪري ڪنهن کي بہ حق نہ آهي تہ زمين مقاطعي تي ڏئي. الله تعاليٰ اسان کي اجازت ڏني آهي تہ اسين پنهنجي روزي ڪمائڻ لاءِ زمين ڪتب آڻيون. پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ٻني جو ٽڪرو پنهنجن هٿن سان پوکيو آهي تہ هو انهيءَ زمين جو ايستائين حقيقي مالڪ سمجهيو ويندو، جيستائين هو اهو زمين جو ٽڪرو آبادي هيٺ آڻيندو رهندو ۽ ان حالت ۾ ڪيس ٻي دخل ڪري نہ سگهبو.



(سرڪاري مواجب ادا ڪرڻ بعد) جيڪا ڪمائي مرد يا عورت کي حاصل ٿئي سا ان جي ئي ملڪيت آهي.

لِلرِّجَالِ نَصِيبٌ مِمَّا اكْتَسَبُوا ۖ وَلِلنِّسَاءِ نَصِيبٌ مِمَّا اكْتَسَبْنَ ۚ (النساء:٣٢)

”مرد کي پنهنجي عملن ۽ ڪمائي جي ڦل تي حق ۽ حصو آهي (۽) عورت کي بہ پنهنجي عملن ۽ ڪمائي جي ڦل تي حق ۽ حصو آهي.“

ملڪيت جي ڪسوٽي ذاتي پورهيو يا ڪسب آهي. هڪڙو شخص ايتري زمين رکي سگهي ٿو جيتري هو ڪيڙي آباد ڪري سگهي. پوءِ اها زمين ورثي ۾ بہ اچي سگندي، پر انهيءَ شرط سان تہ مٿيون اصول لاڳو رهندو. يعني وارث بہ تيستائين وارث رهندو جيستائين اها ٻني پاڻ آباد ڪندو رهندو.“

انسان ذات جي گذران حاصل ڪرڻ جا ذريعا الله تعاليٰ اهڙي ريت بنايا آهن جو هر هڪ شخص آزاد آهي تہ هو پنهنجي روزي پنهنجي محنت مزدوري سان ڪمائي سگهي ۽ الله تعاليٰ جو قانون نهايت واضح آهي تہ ڪنهن کي بہ پنهنجي محنت جي اجوري کان گهٽ ملڻ نہ گهرجي. (ليس للانسان الا ما سعيٰ)

”جيئن انسان جسماني ۽ دماغي طاقتن ۾ مختلف ٿين ٿا، تيئن هو روزي ڪمائڻ جي طاقت ۾ بہ تفاوت رکن ٿا.“

وَاللَّهُ فَضَّلَ بَعْضَكُمْ عَلَىٰ بَعْضٍ فِي الرِّزْقِ ۚ فَمَا الَّذِينَ فُضِّلُوا بِرَادِّي رِزْقِهِمْ عَلَىٰ مَا مَلَكَتْ أَيْمَانُهُمْ فَهُمْ فِيهِ سَوَاءٌ ۚ أَفَبِنِعْمَةِ اللَّهِ يَجْحَدُونَ (النحل:٧١)

”الله تعاليٰ توهان کي پنهنجي روزي ڪمائڻ جي طاقت ۾ بہ هڪ ٻئي کان ممتاز ڪيو آهي. هڪڙا ٻين کان گهڻو ٿا ڪمائين پر ائين نہ ٿا ڪن تہ جن تي وڌيڪ فضل ٿيل آهي سي (پنهنجون وافر آمدنيون) انهن کي ورهائي ڏين جيڪي سندن (يعني وڌيڪ ڪمائيندڙن جا) محتاج آهن. جيتوڻيڪ انهيءَ ڪمائيءَ ۾ سڀ هڪجهڙا ڀائيوار آهن. پوءِ ڇا ائين نہ آهي تہ اهڙا ماڻهو الله تعاليٰ جي شڪر گذاري ڪرڻ کان قاصر آهن؟“

هي تہ صاف آهي تہ قرآن شريف هن حالت کي تسليم ڪري ٿو تہ سڀ آدمي روزي ڪمائڻ ۾ هڪجهڙا طاقتور نہ آهن، جنهن ڪري ڪي وڌيڪ مالدار آهن ۽ ڪي گهٽ. پر قرآن شريف اهڙي حالت قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي، جنهن موجب هڪڙن وٽ تہ دنيا جا انبار لڳا پيا هجن ۽ ٻيا بلڪل سڃا، ڪنگال ۽ داڻي داڻي لاءِ محتاج هجن. قرآن شريف هر هڪ کي هي حق ڏنو آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجي جوڙيل زمين ۾ جيڪي بہ پئدائش جا ذريعا خلقيا آهن، تن مان پنهنجي گذاري لاءِ ضروريات زندگي حاصل ڪري. پوءِ اهو شخص مضبوط آهي يا ڪمزور، تندرست آهي يا بيمار، ڏاڍو مڙس آهي يا هيڻو، شاهوڪار آهي يا سڃو: جيستائين هو جيئرو آهي، تيستائين هن کي انسان هئڻ سبب هي حق حاصل ٿيل آهي تہ پنهنجي زندگي جون ضرورتون الله تعاليٰ جي پئدا ڪيل وسيلن مان حاصل ڪري.

قرآن شريف موجب زمين تي پيدا ڪيل گذران جا وسيلا سڀني جي گڏيل ملڪيت آهن. پوءِ جيڪڏهن ڪي ماڻهو پنهنجن ضرورتن کان وڌيڪ ڪمائڻ تي قادر ٿيا تہ اها وافر ملڪيت انهن وٽ هڪ قسم جي ”امانت“ آهي، جا انهن ماڻهن تي خرچ ڪرڻي آهي، جي ڪن سڇين

پڇين مجبورين سبب ڪمائڻ جي لائق ٿي نہ سگهيا آهن.

”قرآن شريف جي اصولن موجب مکيہ نقطو هي آهي تہ انسان ذات هڪ گڏيل ڪٽنب جي مثال آهي، جنهن جا ڀاتي هڪ ٻئي جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ پاڻ ۾ سلهاڙيل آهن. هو زندگي جي جدا جدا طبقن ۾ ڪم ڪندا رهن ٿا. ڪي ٿورو ڪمائين ٿا، ڪي زياده: جڻ جڻ هر هڪ ۾ استعداد موجود آهي. جيتوڻيڪ انهن مان شاهوڪار پنهنجي سموري ڪمائي غريبن کي نٿا ڏين تہ بہ پنهنجي غريب ڀائرن جي سار سنڀال کان اهڙو بي پرواهہ بہ رهي نہ ٿا سگهن، جو ڀل غريب وڃي بک مرن. جيتوڻيڪ هر هڪ ڀاتيءَ کي پنهنجي ڪمائيءَ تي جدا جدا حق آهي تہ بہ اها ڪمائي ڪين هڪ هنڌ ڪٺي ڪرڻي نہ آهي، انهيءَ لاءِ تہ سڀڪنهن کي زندگي جون گهرجون حاصل ڪرڻ جو موقعو ملي (پوءِ فڪر نہ آهي تہ هڪڙي گهڻو ڪمايو آهي ۽ ٻين ٿورو.“ (ترجمان القرآن حصو ٻيو)

مٿيون تفسير مولانا ابو الڪلام آزاد جو آهي. هو قرآن شريف جي تمام وڏن مفسرين مان هڪ آهي. مٿين مضمون مان ظاهر آهي تہ سڀ انسان خدا تعاليٰ جي خلقيل رزق جي وسيلن ۾ هڪ جهڙا ڀائيوار آهن. ڪاٺين جي ملڪيت، ٻيلا ۽ پاڻي حڪومت جي حوالي رهڻا آهن، جيئن سموري رعيت انهن مان فائدو وٺي سگهي. اهڙي طرح زمين جيڪا رزق جي پئدائش جو سڀ کان وڏي ۾ وڏو ذريعو آهي سا پڻ حڪومت جي حوالي رهڻي آهي، جيئن سڀڪو ان مان پورو پورو نفعو حاصل ڪري سگهي.

جيڪڏهن ڪو بہ شخص زمين جي وڏي ايراضي تي قبضو ڪرڻ بعد ٻين کي، الله تعاليٰ جي خلقيل انهيءَ زمين مان پيدا ٿيندڙ رزق کان محروم رکي تہ اها ملڪيت قرآن شريف جي حڪمن موجب ناجائز سمجهبي.

مختصر طور قرآن شريف جو قانون اهو آهي جيڪو مون مٿي ٻڌايو آهي تہ مسلمانن ۾ جيڪي رواج چالو آهن سي سراسر قرآن شريف جي حڪمن جي خلاف آهن. هي اسان جي بدبختي آهي جو غير شرعي رواجن کي شرعي قانونن جيتري طاقت ملي وئي آهي ۽ سچو پچو شرعي قانون پنيءَ پويان ڦٽو ڪيو ويو آهي.

قرآن شريف جو حڪم اٽل آهي پر ڪي مسلمان قرآن شريف جي تائيد ۾ حديث شريف يا اسلامي تاريخ ۾ مثال ڳولڻ چاهين ٿا. مان معتبر ذريعن سان گڏ ڪيل شاهدي پيش ڪريان ٿو جنهن مان ظاهر آهي تہ زميندار سرشتو اسلام ۾ پسنديده نہ آهي.

”جنهن شخص کي زمين جو ٽڪرو آهي، سو پنهنجي سر پاڻ آباد ڪري ۽ ان کي غير آباد نہ ڇڏي. جيڪڏهن پاڻ آباد نہ ڪري سگهي تہ پوءِ ٻئي کي آباد ڪرڻ لاءِ ڏئي. پر جيڪڏهن پاڻ بہ آباد نہ ڪري ۽ ٻئي کي آباد ڪرڻ لاءِ نہ ڏئي تہ اها زمين هو پاڻ وٽ رکي اسان کي نہ گهرجي“ (بخاري شريف)

مٿين حديث شريف جو پويون ٽڪرو اهڙي روش تي ناراضگي ڏيکاري ٿو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ زمين هرڪو پاڻ وٽ ايتري رکي جيتري هو پاڻ آباد ڪري سگهي.

اها ساڳي حديث شريف صحيح مسلم ۾ بہ آيل آهي، پر ان ۾ هي وڌيڪ روايت آهي تہ: ”جيڪڏهن ٻيو ماڻهو وٺڻ کان انڪار ڪري تہ جنهن شخص وٽ قبضو آهي سو پاڻ وٽ رکي سگهي ٿو.“ ان جي معنيٰ هيءَ آهي تہ جيڪڏهن زمين جي قبضيدار اها زمين ڪنهن شخص کي مفت ۾ آڇ ڪئي، جنهن ٿورو ڪٽڻ پسند نہ ڪيو ۽ مقاطعي تي ڪٽڻ گهري ٿو تہ ان حالت ۾ بهتر اهو آهي تہ اها زمين هو پنهنجي قبضي ۾ رکي مگر مقاطع نہ ڏئي.



”رسول الله ﷺ جن صاف طور منع ڪئي آهي تہ زمين مقاطع تي (نقدي صورت ۾ يا بٽائي جي صورت ۾) نہ ڏيو انهيءَ سبب ڪري جڏهن حضرت عبدالله بن عمرؓ اها حديث شريف حضرت معاويہ جي وقت ۾ ٻڌي، جنهن وقت سرمايہ داري جو سرشتو مسلمانن ۾ زور وٺي چڪو هو، تڏهن اصحابي سڳوري زمين جو ڪرايو وٺڻ بند ڪري ڇڏيو.“

ٻي حديث شريف انهيءَ معاملي بابت امام بخاري هيٺين ريت آندي آهي:

”رفيعہ بن خديجہ روايت ٿو ڪري تہ سندس چاچو زبير بن رفيعہ هڪڙو دفعو روايت ڪئي تہ ڪيس رسول الله ؐجن بيجا نفعي واري ڌنڌي کان منع ڪئي. رفيعہ چيو تہ رسول الله ؐجن جو اهو حڪم انصاف تي مبني آهي. تنهن تي زبير ڪيس ٻڌايو تہ رسول الله ؐ ڪيس گهرائي پڇا ڪئي تہ هو پنهنجي زمين بابت ڇا ٿو ڪري. هن (زبير) چيو تہ مان اها زمين بٽائي تي ڏيندو آهيان، جنهن مان مون کي ساري پئدائش جو چوٿون حصو ۽ ڪجهہ ڪارڪون ۽ ٻاجهري ملندي آهي. پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم فرمايو تہ ائين نہ ڪر. يا پاڻ انهيءَ زمين کي آباد ڪر يا ٻئي کي مفت آباد ڪرڻ لاءِ ڏي. ٻي صورت ۾ اها زمين غير آباد ٿي رهي.“ (بخاري شريف)

انهيءَ حڪم جي آڌار تي اسلام جي خليفہ حضرت عمرؓ رسول الله ﷺ جي هڪ صحابي سڳوري کان انهيءَ زمين جو قبضو کسيو جو پاڻ آباد ڪري نہ سگهندو هو. پوءِ اهو ٽڪرو حضرت عمرؓ انهن حاجتمندن کي ڏياريو، جن کي زمين گهربل هئي.

اسلام جي مشهور فقيہ حضرت امام اعظمؒ جنهن جا معتقد سڄي دنيا ۾ سڀ کان گهڻا آهن، تنهن پڻ بٽائي يا مقاطعي تي زمين ڏيڻ کان منع ڪئي آهي. حضرت امام اعظم صاحب جي اها دور انديشي نهايت تعريف جوڳي آهي. ڇاڪاڻ تہ بعد ۾ انهيءَ زمينداري سرشتي هارين ۾ ايڏي وڏي پيماني تي بک ۽ مصيبتون آنديون، جو ڇهين صدي هجري جو هڪ عالم فاضل ابن طين لکي ٿو تہ: ” اسان مشاهدو ڪيو آهي تہ اڄ ڪالهہ دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ مصيبت زده ۽ هلاڪ طبقو هارين کان مٿي ٻيو ڪونهي.“ (فلسفہ عمرانيات و معاشيات صفحہ ١١٦)

امام الهند حضرت شاهہ ولي الله محدث دهلويؒ پڻ زميندارى سرشتہ کي ناپسند فرمايو آهي. هن صاحب جو خيال هو تہ اهو سرشتو انسانن ۾ جهڳڙو وجهائي ٿو ۽ مساوات کي ڪيڏي ٿو ڇڏي.

حضرت مولانا عبيدالله سنڌي، جيڪو هڪ وڏي پائي جو عالم سڳورو هو ۽ حضرت شاهہ ولي الله صاحب عليہ جي فلسفہ سمجهائڻ لاءِ مشهور استاد هو سو حجة الله البالغہ جي شرح ۾ لکي ٿو:

”اسين امام اعظم صاحب جا معتقد آهيون، جنهن ٻني جي بٽائي يا نقدي مقاطعي تي ڏيڻ کان منع ڪرڻ فرمايو آهي. سندس ارشاد موجب هر شخص ايتري ٻني پاڻ وٽ رکي سگهي ٿو جيتري هو پاڻ آباد ڪري سگهي. حقيقت ۾ ڪنهن بہ نموني ۾ زمين جي مقاطعي ڏيڻ سبب هاري طبقي تي ظلم ٿيڻ لاءِ رستا کلي ٿا پون ۽ انهيءَ ڪري زميندار هميشہ پنهنجي زمين

ويندو وڌائيندو ۽ ڪڙمين کي ڏڳن ۽ ڳڌهن وانگر پيو وهائيندو. زميندارن کي غريب هارين تي رحم نہ ايندو آهي. هنن کي پيا بڪ ماريندا آهن.“ (فلسفہ عمرانيات و معاشيات)

عراق جي فتح بعد سوال اٿيو تہ جيڪا زمين فتح ڪئي وئي آهي، ان جو نيڪال ڪيئن ڪجي؟ غازين زور ڏنو تہ زمين مان بہ مال غنيمت جو حصو ملي مگر حضرت عمرؓ ڪڙمين کان زمين کسڻ جي منع ڪئي ۽ اها انهن جي قبضي ۾ رهڻ ڏني وئي. بعد ۾ اها ساري زمين عام مسلمانن جي ڀلي لاءِ وقف ڪئي وئي.

امام ابو يوسف جو حوالو ڏنو وڃي ٿو تہ هن زمين مقاطعي تي ڏيڻ جي فائدي ۾ رايو ڏنو آهي. هو هارون الرشيد جو قاضي هو. ان وقت ۾ شهنشاهيت چوٽ تي هئي. تنهن ڪري امام ابو يوسف هيءَ ڳالهہ نہ ٿي محسوس ڪري سگهيو تہ زمين مقاطعي يا ٻٽائي تي ڏيڻ کان منع ٿيل آهي. سندس استاد امام اعظم صاحب جو رايو قرآن شريف جي مطابق آهي. در حقيقت امير معاويہ جي بادشاهہ ٿيڻ کان وٺي نقشو ئي ڦري ويو هو ۽ سرمائيداري ۽ شهنشاهيت اسلامي سوسائٽي ۾ تمام زور شور سان گهر ڪري ويون هيون.

زمين جي مالڪي بابت حضرت امام الهند شاهہ ولي الله محدث دهلويؒ پنهنجي مشهور ڪتاب حجة الله البالغہ ۾ لکي ٿو:

”ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ هرڪا ملڪيت الله تعاليٰ جي آهي، پر جيئن رب العالمين زمين ۽ ان جي پئدائش جي ڪتب آڻڻ جي اجازت ڏيڻ فرمائي تئن ماڻهو لالچي ٿي پيا ۽ پنهنجين ٻنين جون حدون وڌائڻ لڳا، تنهن ڪري اصول مقرر ڪيو ويو تہ جيڪو شخص ڪنهن زمين جي ٽڪر تي پهريائين وڃي قابض ٿئي، تہ ان کي اتان نہ ڪڍجي، جيستائين سندس قبضو ڪنهن ٻئي کي نقصان نہ پهچائي. . . . . .“

زمين هڪ مسافر خاني يا مسجد وانگر هر هڪ لاءِ ڪليل آهي ۽ سڀڪو ان مان مساوي طور فائدو وٺي سگهي ٿو ۽ اهو ٽڪرو ان جي حوالي رهندو، جنهن ان تي اڳ ۾ قبضو ڪيو هوندو (مگر هي صاف ظاهر آهي تہ هر هڪ انسان کي زمين جي فقط ايتري ٽڪري تي قبضي ڪرڻ جو حق رهندو، جيترو هو ڪتب آڻي سگهي ۽ نہ وڌيڪ) زمين تي ڪنهن شخص جي قبضي جي معنيٰ آهي تہ ان شخص کي اها زمين پنهنجي نفع لاءِ ڪتب آڻڻ جو حق پڻ رهندو.

حضرت امام عبدالعزيز، فرزند امام الهند حضرت شاهہ ولي الله صاحب دهلويؒ پڻ پنهنجي فتاويٰ عزيزيہ ۾ زميندار سرشتہ جي خلاف فتويٰ ڏني آهي. سندس رايو آهي تہ هندستان جي زمين سڀني مسلمانن جي گڏيل ملڪيت آهي ۽ بيت المال جو حق آهي. اها ڪنهن شخص جي خاص ملڪيت ٿي نہ ٿي سگهي ۽ نہ وري ڪنهن زميندار جي ملڪيت ٿي سگهي ٿي. اهي سڀ زمين جي سنڀاليندڙن جي حيثيت رکن ٿا.

جيڪڏهن سرمايہ دار ۽ زبردست ماڻهو نادارن ۽ ڪمزورن کي اهڙن وافر زمينن تي حق ڏيڻ ۾ گوٽ ناٽ ڪن ٿا (جو کين پئدائشي حق مليل آهي تہ الله تعاليٰ جي خلقيل قدرتي پئدائشي ذريعن مان پورو پورو فائدو وٺن) ۽ جيڪڏهن اهي سرمايہ دار اهي وافر ملڪيتون پنهنجي ذاتي غرضن لاءِ ڪم آڻين ۽ انهن کي ڪابہ اپيل اثر نہ ڪري تہ پوءِ حڪومت جو فرض آهي تہ انهن کان زوري قبضو کسي ۽ جيڪي هيٺا ۽ نادار آهن ۽ جن کي ڪجهہ بہ نہ آهي، تن ۾



اها وافر دنيا ۽ زمينون ورهائي ڇڏي. اهو فرض حڪومت تي ائين ئي لازمي آهي، جيئن نادار پٽ يا زال کي، شاهوڪار پيءُ يا مڙس کان قوت گذران وٺي ڏيڻ لازمي آهي. حڪومت جو فرض آهي تہ ملڪ جي پئدائش جا ذريعا ساري رعيت ۾ مساوي طور وراهڻ جو انتظام رکي.

اسلامي تاريخ شاهد آهي تہ ڪنهن بہ مسلمان بادشاهہ پنهنجي بادشاهت جو بنياد ڪڙمين جي همدردي حاصل ڪرڻ ۽ انهن تي هٿ رکڻ سان نہ ٻڌو ۽ جاگير دارن جا قلعا ڊاهي پٽ ڪري ڪونہ ڇڏيا.

رسول الله ﷺ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ هڪ صدي کان بہ گهٽ عرصي اندر اسلام ايشيا، آفريڪا ۽ يورپ جي گهڻي حصي ۾ پکڙجي ويو. ايران ۽ روم جون بادشاهتون حضرت عمرؓ جي خلافت ۾ فتح ڪيون ويون. انهيءَ جا ڪهڙا سبب هوا؟ ڪجهہ تہ اسلام جي تعليم جو اثر هو، جنهن ڏهن سالن جي قليل عرصي اندر قبائلي عصبيت کي مٽائي ڇڏيو ۽ منجهائن قبائلي بغض جي زهريلي اثر کي زائل ڪري ڇڏيو. مگر وڏو سبب هي هو جو اسلام يورپ واري زهريلي جاگيرداري سرشتہ جو بنياد پٽي ڇڏيو ۽ ان جي بجاءِ ”هارپ“ يعني ننڍن ڪاتيدارن جو رواج وڌو، جي پنهنجي ٻني پنهنجي هٿن سان ڪاهڻ لڳا.

مسٽر امير علي پنهنجي ڪتاب ”عرب مجاهدن جي تاريخ“ ۾ اسپين ۾ اسلامي فتوحات ۽ اسلامي حڪومت جو ذڪر ڪندي هيٺين ريت لکيو آهي:

”اسلام جي فتح ۾ سڀ کان زياده مفيد اثر گهٽ درجي جي ماڻهن جي حالت تي پيو. اسلام جي فتح کان اڳ هنن سان جانورن کان بہ برو برتاءُ ڪيو ويندو هو. هاڻي هو انسانيت جي درجي کي پهچي ويا. مسلمانن جي قبضي ۾ آيل جاگيردارين تي جيڪي رواجي ٻانها ۽ گهرو غلام اڳ ۾ ڪم ڪندا هئا، تن کي شهري حقوق ملي ويا ۽ اهي زمينون کين ”هارپ“ جي حق تي ڏنيون ويون، جنهن ڪري ٻني ۾ سندن حق ٿي پيو ۽ سموري زمين ڄڻ تہ سندن ملڪيت ٿي پئي.“

حضرت امير عمرؓ جي خلافت جي زماني ۾ جڏهن ايران جي حڪومت مسلمانن جي هٿ ۾ آئي تڏهن حضرت علي ڪرم الله وجہ جي صلاح سان سروي جو ڪم تمام وڏي پيماني تي ڪرايو ويو. هارين جا بار هلڪا ڪيا ويا. انهن کي يقين ڏياريو ويو تہ ڪائن زمينن جو قبضو نہ کسيو ويندو. خود زمين جو وڪرو سختي سان بند ڪيو ويو، جيئن پراڻن هارين کان زمين کسجي نہ وڃي.“

حضرت عمرؓ جو ذڪر ڪندي مسٽر امير علي لکي ٿو:

”دور انديشي جا پوين مسلمان حاڪمن ۾ مفقود هئي، تنهن کان ڪم وٺندي هن (حضرت عمرؓ) محسوس ڪيو تہ حڪومت جي بنياد پڪي ڪرڻ ۽ ان جي مالي ترقي جو راز ملڪ جي آبادگارن جي خوشحالي تي منحصر آهي. انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هن فتح ٿيل ملڪن ۾ زرعي زمينن جا وڪرا قطعي بند ڪري ڇڏيا. عربن جي دست درازي کان بچاءَ جي خيال کان هن وڌيڪ هي حڪم بہ ڪيو تہ ملڪي ماڻهن کان ڪوبہ مجاهد زمين خريد نہ ڪري. فتح ٿيل ملڪن جي انتظام ۾ هارين جي بهتري ۽ واپار جي واڌاري جي ڪمن کي مقدم رکڻ لاءِ سختي سان نظرداري ڪئي ويندي هئي.“

(مترجم: علاؤالدين محمد يونس خان سمون)